اڻ کليون اکيون



وينا شرنگي

اڌ کُليون اکيون

(ڪهاڻين جو مجموعو)

ويـنا شرنگي

پرو ميلا پبليڪيشن

C-84 اندر پوري ، نئي دهلي - 110012

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Adh Khuliyoon Akhiyoon

By :
Veena Shringi

First Edition : 1990

Price : Rs. 45-00

Published by :
Promilla Publication
C-84, Inderpuri,
New Delhi - 110 012
Phone : 5712563

Printed by :
Kaushal Printing Press,
3, Dayanand Market,
Kaiser Ganj, AJMER-305001
Phone ; 32767

Cover Design :
Rasheed Chowdhery

Back Cover Photo - Aayz Gayd
Sachal Congress Karachi

Copy right
with Author

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارپنا

”ڪري ڪوچ ويا، سڀئي سنسار مون،
پير پيغمبر اوليا، جن پنهنجا پنڌ ڪيا،
گياني، ڌياني، گرستي، ساميءَ پنڌ پيا،
سڀئي غيب ٿيا، تو ڇا سمجهيو پاڻ ڪي؟“
”سامي“

وينا شرنگي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"نظم"

زندگيءَ جي هر موڙ تي
هر چوڙ تي
اگني پرکشا ڏيڻي ٿي پوي
هوس جون نگاهون
حياءَ جي دامن کي تار تار ٿيون ڪن
مان پنهنجي پاڪ دامنيءَ جو
ڪنهن ڪنهن کي يقين ڏياريان ؟
چو ته، مان ڪلجُڳ جي سيتا آهيان
جڏهن ست جُڳ جي سيتا کي به
پنهنجي پاڪ دامنيءَ لاءِ
اگني پرکشا ڏيڻي پئي
مان ته ڪلجُڳ جي سيتا آهيان .

وينا شرنگي

لبڪا پاران

پنهنجي اڳين تصنيف "منهنجا معصوم سپنا" ۾ واعدو ڪيو هيم ته هي ڪهاڻين جي مجموعي "اڻ ڪليون اکيون" سان ٻيو ڪليءَ دل ۽ ذهن سان قلم ذريعي وري اوهان سان ملاقات ٿيندي. ڪهاڻيءَ جا ڪردار دوستي، وفا، دغا، هوس ۽ استحصال واري معاشرتي زندگيءَ جي عڪس جو ميلاپ آهن. اڄ جنهن جنم ڀومي ڀارت ماتا جي، ٻيڙا ڏسي "اڻ ڪليون اکيون" پڙهڻجي ويون آهن.

موقعي پرستن ۽ مفاد پرست ٻوليءَ جو ٽڪرو ڪيئي رهيا آهن. هندوستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي هيٺي حال تي سنڌيءَ جي ممتاز شاعر سرڳواسي نارائڻ شيام هڪ واري ريڊيو تي مون سان ڪچهري ڪندي پنهنجن جذبن جو اظهار ڪيو هو جيڪي هتي اوهان سان ونڊي رهيو آهيان.

"سنڌي ٻوليءَ کي Oxygen تي جيارڻو پئو وڃي ۽ اها Oxygen ٻوليءَ کي غلط Cylender مان ملي رهي آهي. هتي هن ٻوليءَ کي اهڙن ئي هٿان Oxygen تي جيارڻو پئو وڃي."

سرڳواسي نارائڻ شيام جي ان اظهار تي موٽڪي امڙ طرفان استعمال ڪندڙ پهاڪو ذهن ۾ اڀري آيو

آهي. ”ڪاڻڻ مهل چون ڏاڍ آهيون ۽ وهڻ ۾ ڳاٻا“
جن جو پيٽ آخوندن جهڙي اَلي آهي، وڃي ٿو هڙ
ڳڙڪائيندو. اڄ سنڌي جاتيءَ جو حال بي حال آهي.
چوڻي آهي ”لنڊڪا گهوڙا غيباڻا هسوار“.

جيڪي ٿي ويو اُن کي درگذر ڪجي اسان قيمتي وقت ڀاڙيءَ وانگر وهائي ڇڏيو. فرينڪلن جو قول آهي.

”وقت دولت وانگر آهي. ان جو اجايو استعمال نہ ڪرڻ گهرجي. اوهان دولت تہ ڪمائي سگهو ٿا پر وقت موٽائي نہ ٿا سگهو.“

ساڳيو حال اسان جي سنڌي جاتيءَ جو آهي، اسان ناڻو تہ ڪمايو آهي پر وقت موٽائي نہ سگهيا آهيون.

وقت جو گهاٽو هڪ ڀيري پٺيان وڃي ٿو ٻيهر هين کي ڳڙڪائيندو. جيڪو اسان کي ڇيهو رسيو آهي، ان جو پورائو ڪرڻ مشڪل آهي. چوڻي آهي ”ڏوڏو ڪير لڪيڻ نہ پوندو آهي“ هاڻي بہ زندگيءَ جي تجربن مان سبق پرائي بدلي جي ڀاونا ترڪ ڪري اختلافن کي ٽاڪ تي رکي ايڪمت ٿي صبر ۽ تحمل جو پلاند پڪڙي محنت ايمانداري جفاڪشيءَ سان وک وڌائيون. اديبن، فنڪارن ۽ شاعرن لئي وڏي جوابداري عائد ٿئي ٿي. سڪر جي هرڪ اديب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرحوم رشيد ڀٽيءَ جا اظهار ڪيل لفظ هتي ضرور پيش ڪندس.

”سچو اديب، شاعر يا فنڪار پنهنجي دور ۽ عهد جو آئينو ٿئي ٿو. هن جو هٿ قوم يا عوام جي نبض تي هوندو آهي ۽ سندس دل عوام جي دل سان گڏ ڌڙڪندي آهي“.

ڪهاڻين جو مجموعو ”اڌ کليون اکيون“ ساميءَ کي سمورو ڪيو آهي. هن کان اڳ، ڀٽائي گهوٽ، شاهه عبداللطيف ۽ سچل سرمست کي پنهنجي قلم جو پورو رهبر منسوب ڪيو هجي ته ڪن ٽڪ اظر ٿي وارن سوال ڪيو شاهه، سچل کان ساميءَ کي ڇو ....

جن جي من ۾ خدشا هئا ته صرف ....

پسر ڏٺيءَ منهنجي قلم کي سکڻ ڏني جو مان سنڌي ٻوليءَ جي ”ٽمورٽي“ شاهه سچل ساميءَ کي پنهنجي قلم جو پورهيو ارپڻ ڪري سگهي آهيان.

ساميءَ جو جنم شڪارپور ۾ ٿيو ساميءَ مايا جي مهاجار ۾ قاسط کان بندي کي خبردار ڪيو.

”مايا سڀ موهي، جنهن کيا وس پاڻهنجي،
وڏائين ول ڇل سان، الله بندي ٽولي،
پني ڏيئي پاڻ کي، ڪن هوٽي هوٽي،
آلم ڏن کوهي، مورک وينا مست ٿي“
”سامي“

ساڳئي وقت ساميءَ نيڪ بندن ۽ سات سنگت سان وهنوار ڪرڻ جي صلاح ڏني آهي. جنهن ۾ ئي انسان کي سک ملي ٿو.

"هيرو جنم نه هار، مورک مايا جي پاڻ ٿون،
ملي سات سنگت سان، اوديا پرم اوار،
پنهنجو پاڻ سنڀار ته سکي ٿئين سامي چوي"

(سامي)

هتي مان اهو ضرور چوندس ته ادب جي ماڻ ۽ ماپڻ کان ناواقف آهيان پر جڏهن به شدت سان محسوس ڪيو اٿم ته پنهنجن جذبن جو اظهار ڪيو آهي. هن ڪتاب ڇپائڻ ۾ جيڪي ڏکيائيون در پيش آيون آهن تن جو ذڪر صرف هنن لفظن ۾ ڪندس. دهليءَ کان اجمير ۾ خط ڪتاب، فونيون ڪرڻ انتظار ۽ اچ وڃ جي مرحلن کي مان ذهني اذيتن جو ناءُ ڏيندس ۽ اوکي ڪندڙ پگهاردار لاءِ پنهنجي هڙان رقم لڳائڻ ۽ مٿان وري خير ....

هتي مان انهن بي شمار سڄڻن ۽ پيارن جي ٿورائتي آهيان جن منهنجي قلم جي پورهئي کي ساراهيو آهي. دعائون ۽ نيڪ تمنائون ڏنيون آهن. تعاون ڪيو آهي ۽ منهنجي پورهئي ساڀ ٿيڻ لي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کان وڌ ڪنهن خوشي ڏني آهي .

It is not wealth of the world that can give real and lasting happiness.

It is the love & laughter of dear friends that does. ”

اگر اُنهن جا ناتا لکڻ شروع ڪريان ته وڏو سلسلو ٿيندو ، ڪنهن جو ذڪر ڪيان ڪنهن جو نه ڪريان. پر لطيف سائين جو هيءُ شعر اُنهن جي احترام ۾ ضرور پيش ڪندس .

”ٿورا ٿي ٿورا مون تي ماروئڙن جا
پلئون پيرا ڳڻي ڳڻيان ڪيترا“
”شاهه“

چڱو موڪلاڻي ناهي زندگيءَ جي ڪنهن نه ڪنهن موڙ تي اگر وقت ۽ قلم ساٿ ڏنو ته ضرور ملاقات ٿيندي .

سدائين گڏ

وينا شرنگي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سلسلو

1	پاپ جو گهڙو	5
2	دردي داستان	13
3	معما	18
4	ڪڏي ڪريما	31
5	اڃ کليون اکيون	39
6	وحشي ڪير؟	45
7	انس نؤ امت	63
8	اصول پنهنجا پنهنجا	70
9	وارتا	79

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاپ جو گهڙو

پاپ جو گهڙو- پاپ جو گهڙو؟ اَمان اهو پاپ جو گهڙو ڀلا ڇا ٿيندو آهي؟

ننڍي هوندي اڪثر اَمڙ کان اهو سوال ڪندا هئاسين. جو اَمڙ جي واتان ڪيئين ڀيرا اهو جملو "جڏهن وڃي پاپ جو گهڙو ڀرجي" ٻڌو هئوسين. اَمڙ مٺا پرال لئي کٺي پيار وچان معصوم ڇوري ڏي نهاري چوندي هئي، "ابل جيڪو انسان برا ڪم ڪندو آهي اُن جي پاپ جو گهڙو وڌندو آهي ڀرجندو."

اسين وري سوال ڪندا هئاسين- ڀلا برا ڪم ڪهڙا ٿيندا آهن؟

اَمڙ سمجهائيندي چوندي هئي، "چوري ڪرڻ، بيگناهن ۽ معصومن کي مارڻ، ڪنهن مظلوم جو حق ڦٻائڻ، عورت جي عزت نه ڪرڻ، چغلي ڪرڻ، دوکو ڪرڻ، وغيره وغيره. اهي سڀ برا ڪم آهن. پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻرائيءَ جو نتيجو ٻرو نڪرندو آهي. اهڙيءَ ريت ڪڏن ڪرتوتن ڪرڻ سان انسان جي "پاپ جو گهڙو" ڀرندو آهي آهستي آهستي ڀرجندو ۽ جڏهن اهو "پاپ جو گهڙو" ڪڏهن ڀار ڀرجي ويندو آهي تڏهن انسان جو انت ايندو آهي."

انت ايندو آهي!

اُمڙ چوندي هئي، "ها انت ايندو آهي. پر اُنت."

"اُمڙ، اهو پر اُنت ڪيئن ايندو آهي؟"

چوندا آهن شل نه ڪنهن جو اُنت ٻرو ٿئي. اُمڙ اسانکي پرن انسان جي پري اُنت جو اکين ڏٺو احوال گرڙ پراڻ جو ڪتاب کولي تصويرون ڏيکاريندي هئي ته ڪهڙي ٻري ڪم جي ڪهڙي سزا ڪير ڀوڳيندو آهي، اهو بيان ڪندا ويندا هئا.

اسان جون اکيون خوف ۽ هراس وچان گرڙ پراڻ جي تصويرن تي کپي وينديون هيون.

اُمڙ جن رننگ ڪامينٽري جاري رکندي پنا اُٿلائيندا ويندا هئا ۽ گڏ ايمانداريءَ ۽ سچ تي هلڻ جون هدايتون ڪندا هئا ۽ دعائون به گهرندا ويندا هئا ته پرماتما مهنجي ٻارن کي سڀني مت ڏجانءِ، شل وار نه ونگو ٿئين، ڪوسو واءُ نه لڳين. اهو ٻـ ٻڌائيندا هئا ته جڏهن انسان مرندو آهي ته اُن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويترڻي نديءَ، جيڪا رت، رُوڳ، ناڳ، ٻلائون، ٻاهه ۽ اُن ۾ شعلن سان ڀريل هوندي آهي، پار ڪرڻي پوندي آهي. جيڪو جهڙو ٻُرو ڪم ڪندو اُن کي اهڙي ئي سزا ملندي.

اهي سزائون ڏاڍيون ڀيانڪ، گرُڙ پراڻ جون رنگين تصويرون. ڪن کي تيل جي ٽهڪندڙ ڪڙهن ۾ اُڇلائڻ ۽ ڪن پاپين کي لوهه جا چمٽا ۽ سيخون گرم ڪري جسم ۾ ڏنڀ ڏيڻ وارو خوفناڪ منظر. ڪن کي اُبتو لٽڪائڻ. ڀڳوان کي پرارٿنا ڪرڻ شروع ڪيون - ڀڳوان اسان کي پاپ ڪرڻ کان بچائجانءِ. ڪن ٻڍڙي ڏوهه ڏوهه ڪري اِيءَ ساعت اُمڙ کان سوال ڪندا هئاسين ته اَمان ڀلا ننڍڙا ٻار جو مري ويندا اُنهن جو ڪهڙو گناهه هوندو آهي. اُنهن ٻارن کي ڪهڙي پاپ جي سزا ڏني ويندي آهي؟

اُن تي اَمڙ چوندي - اهي ٻار ڀڳوان کي ڏاڍا پيارا لڳا. ڀڳوان جي مرضي پهچڻ ٻارن کي جلدي پاڻ وٽ گهرائي وٺي. ڇو ته انسان جي هٿ ۾ ڪجهه نه هٿ ۾. هار اٿين ۾ نيندو آهي ته اڳئين جنم جو حساب ڪتاب، ليکو چوکو ڏيڻ لاءِ ڀڳوان پاڻ وٽ گهرائي وٺي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت پادشاهہ آهي ۽ اسين اُن جا غلام. اک ڇنڀ ۾ ٻالپڻ گذري ويو. پر زندگيءَ جي اُن سفر دوران "وڇوٽي ندي پار ڪرڻ" "ٻاپ جو گهڙو ڀرجڻ" واريون مختلف ڏيکن واريون تماڪ دل دهلائيندڙ سڙائن جون رنگين تصويرون ۽ اُمرَ جي رنگ ڪامينٽريءَ، ريڊيو وانگر الڳ الڳ. موسم ۾ آواز جي اُتار چڙهاءَ سان Fede in ۽ Fede out ٿينديون رهيون. پر ٻاپ جي گهڙي لفظ انگريزي دل ۾ Clotting of blood جي نبڪي وانگر دائمي جاءِ والاري ڇڏي..........

سوچڻ جو جمود ....

اَڄ اُمرَ ڪان ڦلاٽي جي "ٻاپ جو گهڙو" ڪڏهن پرچندو اهو سوال ڪونه ڪريان ٻلڪ اهو ردي عمل رهي. اهي سڀ بيڪار جون ڳالهيون آهن. مرڻ ڪان پوءِ ڪڏهن ڏٺو آهي سرڳ ۽ نرڪ. اَڄ اُمرَ پنهنجي رنگ ڪامينٽريءَ ۾ وڏي تبديلي آندي آهي. ڇون اڄ لڇ جي ساري سر آهي. پرماتما آهي ڪٿي؟ اڄ سيٺي پاڻ پنهنجي دليا ۾ مست. مان اُمرَ جي ڪاڙ ۾ اُنهن جو ڪاڪب ڪندي وڃان ٿو ڪڏهن تا اڪيلهين صديءَ ۾ زماني سارو وقت کي ڏسي ان منزل طرف وک وڌائين. پر منهنجون نگاهون انتظار ڪري ٿڪجي پيون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيءَ ساعت مون ٿي مون ۾ چوان ڪالهي ڳالهه ڪانه
آهي. جيڪي ڪندا سي لوڙهيندا. الي ڪر الي ٻوڙ.
ٻيو الي ڪر الي ٻوڙ— وارو منهنجو ويچار ڪڏهن
”لنچ جي ساري سر“ آهي ان تحقيق ۾ مصروف
رهي ٿو. ڪڏهن ”باپ جي گهڙي“ ڀرجي وڃڻ واري
گرڙ ڀراڻ ۽ امان ڪيل سزائن جي انتظار ۾ رهي.
بس انهيءَ خوش فهميءَ ۽ وشواس جي سهاري زندگيءَ
جا ڏينهن ٽپا ڪٽجن. مضبوطي... بردباري... ڏکن سکن
سان دوستي ۽ ڏکن ٻنهيان سکن جي اچڻ جو انتظار
۽ مختلف انسان جي باپ جي گهڙن جي ڀرجڻ واري
سطح تي نظر. دل ۾ چوان اڄ هڪ ٻيو ڏوڪڙي جو
ڪم ڪيائون. ٻين جو ڇا بگاڙيائون. پنهنجي پاپ
جي گهڙي ۾ اضافو ڪري رهيا آهن. بس ڪن جي
پاپ جو گهڙو اڃ ڀرجي ته ڪن جو مدو. ڪن جو
ڪناري تائين ته ڪن جو ....
اهو تحقيقي ڪم گهر وٺي ٿي، منزل طرف وک وڌائي
ٿيو. ريڊيو تان گهر ....گهر کان ريڊيو. ان وچ واري
فاصلي ۾ گهري سوچ...... پرماتما وٽ دير آهي اندڌير
ڪين آهي. مون ۾ ويچار اچي ٿو اڄ مختلف تحقيق
ڪرڻ لاءِ ڪيترا نه ڪشٽ ڪشالا ٻيا ڪيئن. الڳ الڳ
شخصيتن سان ملاقات - ڳـڏي ٿي وڃي جائزو وٺڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿائين جا ورق ورائڻ ۽ تصويرن موجب ڪري واسطيدار
عملي ذخيري جي چند چاڻ ڪرڻ...... وٺنا اوُر اچون ٿيون.

پر جي مولا مهر جا ميدان وساڻي ڏي
اُن کي رڱي ڇڏي. مان اهو ٿي چوندس ته مولا
مون لئي به مهر ڪئي آهي. اصل مهر ته مهر جهڙي-
گهر ۽ آفيس ۾ ڪتابن پٽيرا پڙهڻ لاءِ موصول ٿين.
ڪن ۾ ڪهڙا مضمون ته ڪن ۾ ڪهڙا، ڪن ۾ مان
سمان جون تصويرون، ڪن ۾ مهورتي مدبچ. هڪ طرف
ضمير فروشن جو قلم ۽ ڪاغر جو استعمال ته ٻئي طرف
"پاپي جي ڳهڙي" ۾ صرف بوند بوند جو اضافو.
ڪڏهن بيزار ٿي مٿي کي چوان- مما بولد بولد سان
ته گهڙي پرچڻ ۾ ڪتابن جماڻون ٻورٻون ٿي ويندون
ته به گهڙو ڪين پرچندو. پوءِ ته اصل پاپين جو
مٽو مٽي ويندو.

مٽي آئسي ڏيئي چوي- پٽ ڪاهه جو دور
آهي. ايترو جلد گهڙو ڪو روئي پرچندو. پرمالما وقت
ڏير آهي پر انڌير ڪين آهي.

ڪجهه عرصي کان ڪيترين اخبارن ۽ مئگزين ۾
کي چهرا ڪي تصويرون، نام نهاد اڳوڻي سماج
سيوڪن، ادب اوزن جي سمان جون تصويرون
ور ور ڪري ڇپڻ لئي رپيت اراد ڪاسٽ وانڪر ٿالر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي نه ڇڏيان. مٿان وري ٻيڙي ٻاڙي جي اُڙاڄ ۽
مهر جو ٻار ٻـار در ڪڙڪائڻ- مٿان ڪانگ جو لوڻ....
در ڪولڻ سان ٽپاليءَ جو پترو اُڇلائڻ، ڪاوڙ مان ڪانوَ
کي ٻوليندو ڏسڻ چوان: ”لک جي لعنت اليئي.“
پيارن جي پيغام، سڄڻن جي سنڌهن پدران...... لام اهاد
سماج سيوا......پولي، ادب ۽ ضمير فروشيءَ جي ناٽڪ،
لنگو ناچ.....شرم وچان ڪنڌهن اکين جو ازخود پوئتي
وڃڻ ۽ ڪنڌهن کڻن لئي همت ڏيڻ ۽ ڪنڌهن وري
اکين ۽ کڻن جي پرهيز پدران ٻاڻ کي ٻوڪ ۾ سمرڻ
ڪرڻ ۽ انتر آتما جو پُر سڪون ماحول ۾ آواز، ”ڏس
’پاپ جو گهڙو‘ پرجي رهيو آهي.“

هڪ ڏينهن مون ڪٿين پاپ جا گهڙا ڪمن ٿا پرجندي
ڏٺا. اُن رات جو فرحتي لنڊ ڪرڻ جي لصور ۾ مان خوشيءَ
وچان پـاڳل ٿي ويس. گهري لنـڊ جي آغوش ۾
سمائجي ويس. گهمرڻ ۾ مولڪي ڊورو پئجي ويو......
پاڳل پڻي جو دورو مون زور ۽ زور سان ٽهڪ ڏيڻ شروع
ڪيا. جـــي ڏينهن جو مـڏر گواچ اٿجي ڪٿين من
رنجهائيندا هئا، سي ٽهڪ پيالڪ اُٿجي ويا. اُمـڙ
پاڻهه کان ڏونـڏائيندو چهو- ويندا پاڳـل ٿي ٿي ولي
آهين. منهنجون داڻهون روئون پيالڪ ٽهڪ- اُمـڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇيو هوش ۾ نه آهين، ڇا ٿيو اٿئي. مون روئي ڏنو. اوڇنگارون ڏيڻ شروع ڪيم. ڏاهون ڪنڌي ڇيم ڏسو ڏسو. پاپ جي گهڙي ۾ ٽنڪ لڳي پيو آهي، وڏو ٽنڪ. امڙ ڪجهه ڏيو، بند ڪريان. امڙ ڪجهه نه ڏيو، جلدي ڪريو، وارو ڪريو، ڪجهه نه ڏيو. گهڙي ۾ ٽنڪ لڳي پيو آهي.

امڙ پاڻهون ڪان ڏوڙندڙ ٻڌندي ڇيو- بس بس ڪجهه ڪين ٿيو آهي. تو سپنو ڏٺو آهي، سپنو. لڳي ٿو نه تو ڪو خوفناڪ خواب ڏٺو آهي. ماٺ ڪر، ماٺ ڪر، مان ڇوان ٿي ڪجهه ڪين آهي. ڇري نه ڪين ٿي آهين. ڪجهه ڪوڻهي ؟ ٻر ڪري ڪاٻي ؟ ساڄي ڪئي ٿي ڇانـوڙو وهانئندي چياڻون- ڪڏ ۾ وڃـي ٻوي ٿدهڄي اها ريـڻو جـي ٿوڪري. ڏيهن راس ٽانڪ... ٽانڪ.... صرف ٽانڪ ....

سڏڪا ڀريندي مهنجي اڃن ٿي آيو امڙ پاپ جي گهڙي ۽ پرڻ ٿي واهه جو مون سان ٽانڪ ڪيو آهي ٽانڪ........... ٽانڪ..........

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دردي داستان

پرڪاش هوٽل جي ڪمري ۾ ڇيڙي طرف ٻي ڇيڙيءَ سان چڪر ڪاٽي رهيو هو. هو جوليءَ جو انتظار ڪري رهيو هو. اڄ ڪان ٽي سال اڳ ٻنهي زندگيءَ جي ڏور ۾ ٻڌجڻ جو فيصلو ڪيو هو. ٻر ٻنهي جي وچ ۾ اونچ نيچ جي ديوار هئي. پرڪاش جا مٽ مائٽ، سماج، ٻنهي جي زندگيءَ جي اُهان ٽي سماجي ٻنڌڻ جي ڪارڻ ڪهرو ڪري ورتو هو. پرڪاش جي حالت، ماحول ۽ سماج اڳيان نِڌرلي ۽ ٻئي طرف جوليءَ جي آزاد ماحول ۾ نئين زندگيءَ سان مقابلو ڪرڻ واري اٽل ارادي ۽ جستجو ڪري دنياداري ۽ ٻناوٽي سماج جي انساني ذهن تي سچائيءَ کان دور غلط نيمن ۽ ان نيمن سماجي ڇٽو ٻول ۽ حالتن اڳيان پرڪاش جا گوڏا ٽيڪڻ- ٻڌڻ اعتماد جي ڪميءَ ٻنهي کي الڳ ڪري ڇڏيو.

اڄ جڏهن پرڪاش ساڳيءَ هوٽل ۾ جوليءَ کي ڏٺو ته هو ديوانن وانگر جوليءَ جي پويان ڊوڙڻ لڳو ۽ جولي جولي پڪارڻ لڳو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوليءَ چيو - پرڪاش هميشه مون وٽ وقت ڪونه آهي. مان جلديءَ ۾ آهيان. پرڪاش جي آزان ليزارن تي هن چيو ته پرڪاش، هميشه مان تمام جلديءَ ۾ آهيان. مهرباني ڪري هن وقت منهنجي راهه نه روڪ.

پرڪاش پيڙا وچان چيو: ”نه جولي نه، مان توکي وڃائڻ نه ٿو چاهيان. تون ڪٿي گم ٿي وئي هئينءَ. مان تنهنجي تلاش ۾ ڀٽڪندو رهيس. هاڻي مان توکي وڃڻ جي اجازت نه ڏيندس. توکي اڄ ٻاٿي ڪري وري نه ٿو وڃائڻ چاهيان. تون هيڏو عرصو ڪٿي هئين؟“

جوليءَ مسڪرائي چيو - ”پرڪاش دنيا جي ڀيڙ ۾ گم ٿي وئي هئس. وقت جي ڌارا جي وهڪري ۾ وهي وئي هئس. پر هيءَ دنيا ڏاڍي ننڍي آهي. ڪٿي نه ڪٿي زندگيءَ جي هڪ موڙ تي ٽڪرائجي ويا آهيون.“

پرڪاش ٽڙڪندي چيو - ”جولي مان وڌيڪ انتظار نه ٿو ڪري سگهان.“

جوليءَ مسڪرائي چيو صرف شام تائين جو هميشه مان جلديءَ ۾ آهيان. مونکي ڪانفرنس ۾ وڃڻو آهي. پرڪاش چاهيندي به جوليءَ جي راهه نه روڪي سگهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڄ لهي ساڃهي ٿي. ٻسِڙدي جي هر گهڙيءَ
ڇر ٻر ٿي ٻرڪاش ڇرڪ ڀري اٿي ڪـڙو ٻيو ٿئي.
ڇڻ سندس دل جي ڌڙڪن ٻڌجي ٿي وڃي. ڏگهندڙ
خاموشيءَ ۾ هن جي اي ڇڏي وٺ لڳي. ان خاموشيءَ
۾ گهڙيءَ جي ٽڪ ٽڪ سان گڏ سندس دل جي
ڌڙڪن ساڳ ڏئي رهي هئي. جنهن ٿي هوٽل جي
ڪمري جي ٻئل وڃي ته هن جي دل جي ڌڙڪن
ٽيز ٿي وئي، هن اٿو ڏيئي در کوليو. هوٽل جو ملازم
ڪيس هڪ چٺي ڏيئي روانو ٿي ويو. هن ڏڪندڙ هٿن
سان خط کوليو.

Dear me,

ٽوڪي ياد هوندو اهو ڏينهن جڏهن ٽڪهڃو
۾ مهڃو اُن موضوع ٿي اچت ٿيو هو. ٽوڪي ماضيءَ
جي اَڻ ڏٺل ٻين جي واٽن ٻدل واقعن ۾ حادثن جو
ڏر ....۾ زندگيءَ ٿي مستقبل ۾ ٻولڊڙ ٻرڇائين جو
خوف، ان اڄ کي (Present) ....ماضيءَ جي قصن ۾
مستقبل جي خوف جي سوچ ۾ وڃائيندو رهين ۾ مان
ٽوکي اُن اڄ ماڻ لاءِ چوندي رهيس. ٻر ٽون ....ٽون
ور ور ڪري ماضيءَ ۾ آئينده جي قصن کي دهرائيندو
رهين. ٻڌهڃي من مان ٻيو ۾ خوف ڪيڻ لاءِ ٽون
مولڪي ٻه اُن ۾ شريڪ ڪندو رهين. مان ٽوکي صرف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ ـــ.....صرف اڄ ماڻهو يعني حال (Present) سان قدم
ملائي هلڻ لاءِ چوندي رهيس. تون اُن فيلسوفيءَ کان
انڪار ڪندو رهين. سمجهڻ کان قاصر رهين. اڄ
تون اُن حـــال ۾ ئي رُڌي رهيو آهين جيڪو تنهنجو
ماضي ٺهجي چڪو آهي. جنهن زندگيءَ جي خوشگوار
راهه کي گرم واريءَ جا ڍڳ پائي پيرن جي سڙڻ
کان خوفزده ٿيندو رهين. تنهنجي تصور وارو آهو
بندر ۾ صدرا اڄ جڏهن ماضيءَ جو ڪفن اوڍي دفن
ٿي چڪو آهي ته تون اُن کي گلستان پائي ڳوڙها
ڳاڙي رهيو آهين. جنهن لاءِ صرف تون، ها صرف تون
جوابدار آهين. تنهنجو اهنڪار، تنهنجي بزدلي
اُن وقت جو اڻ ڏٺل خوفزده ڪندڙ مستقبل جيڪو
اڄ ماضي ٺهجي چڪو آهي سو اڄ تنهنجو ”دردي
داستان“ حال (Present) ٺهجي توسان هم سفر آهي.
تو پنهنجو حال ۽ مستقبل خود جوالا مکيءَ جي نظر
ڪري ڇڏيو. جيڪو نه صرف تو لاءِ پر مون لاءِ به
”دردي داستان“ ٺهجي چڪو آهي. جنهن کي مان
هزار ڪوشش ڪرڻ جي باوجود به بدلڻ ۾ ناڪام
آهيان. اڄ منهنجي ناڪامي ۽ تنهنجي ماضيءَ جو
ڏر ۽ بزدلي ايندڙ پيڙهين لاءِ مشعالي راهه ٺهندي.
تو ۽ مون جهڙن لاءِ زندگيءَ جي وات ٺهندي ـــــ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاٽ ٻُجهندي.

اڄ جوليءَ زندگيءَ کي پرڪاش بخشڻ کان اڳ صبح جي تمز روشنيءَ ۾ سمائجي ويئي آهي. پرڪاش ڳولهڻ جي دلوالکي نه ڪجانءِ.

آن ؟ جي تلاش نه ڪجانءِ.... .... ڇيڪا.... ......؟
صرف....... 0 ...... ها صرف 0 0 0 0 0 ....آ.

پرڪاش هوٽل جي ڪمري جو در کولي جوليءَ جي ڪمري ڏي ڀڄو پر جولي ته زندگيءَ جي نامعلوم منزل طرف وک وڌائي پٺيان صرف ”دردي داستان“ ڇڏي چڪي هئي.

o

ممتا

ڪنوار موٽڪي نه ڪئي - ڀڳوان جي واسطي مون تي دیا ڪر ... رحم ڪر .... رحم ڪر ....

اسان کي رحم جو ٺيڪو ڪنهن ڏنو آهي. گهر سنڀاليان، ٻار سنڀاليان، نوڪري ڪريان مٿان وري ڪنهن جي جوابداري. اسان وٽ جاءِ ئي ڪٿي آهي.

ڪنوار ڪڏهن ڪنڊ پاسي پٽي هوندي هئس. ٻار سنڀاليندي هئس، گهر لاءِ سودو ساڙي وٺي ايندي هئس. ڏاهي موٽڪي نه ڪئي - واسطي ڀڳوان جي مون ٻوڙهي تي رحم ڪر.

”ڪنهن جي ڪٽي نڪي جا نڪر“ نٿي جو ڪم ڪندي ۽ ڪانيندي سو ٻيهن جو. مهانگائي جو زمانو لڳو پيو آهي. وڃي ڪڏهن ٽيرٿ اسٿان تي رام نام جپ اسان جي جند ڇڏ.

پٽ پريم تون تي ڪنوار ڪمي سمجهاءِ مان پيدا پي ۽ ڪيڏانهن وينديس.

اهان مان ڇا سمجهايانس. اسان وٽ جاءِ ئي ڪٿڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ۽ هاڻي وري سوال به وڏو ٿي ويو آهي ان
کي به ته ڪمري جي ضرورت پوندي. رهڻو اوکري
ڪري پيا وري ٽوڪي سمپالي، هن کي آفيس جو
ٽيڪشن ٽڪي لڳو. هن جو پنهنجو اسٽيشن آهي.

پنڌرا پرام ٿون ته ماءُ ٿي دبا ڪر. مان ٿوپو ٿڙو
ڪري ڪجهه نه ڪجهه ڪري وٺندس. رڙهي سڙهي
ٽڪڙ ٽڙو پچائيندس .... لال جوائي ماڻين موٽڪي نه
ڪي.

ريٽو موڙو ڏيندي چيو- امي جيڪو رالڏي ۾
ڪن ڪچرو ڪندا آهن، آهو به ته موٽڪي صاف ڪرڻو
پوندو. مان ڪا زر خريد باندي آهيان جو پوور والگي
پٽي وهان. پيڪن ۾ ته مون راڄ ڪيو آهي راڄ.
موٽڪي ڪهڙي خبر هئي ته هن گهر ۾ اچي باندي
بڻجندس. ماڻين وٽ هڪ گهرائي هيس ته ڏهه
ملندا هئا. هن گهر جي او جهه ته منهنجي چيلهه ٽي
چٻي ڪري ڇڏي آهي. بوڙهي ڀڪرن ٿي ڪين ڏه
ته ته ڏ ڪا ڏيتي ڪيانديسان. هاڻي گهڻو ڏلـو
ڏنهنجو اهو نانڪ. به ڳوڙها ٿين سڪ. ٿون اصل
عزت مان نه چاهين. مجبور ٿي....

پرام پٽ ٿون نه ٿيو ڪدوار کي سمجهائين. ڏس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏس ڪيئن ٿي ڏ ڪا ڏئي.

اسان سڀ ڏوهه، ڌڻهڻ جو آهي. ماڻهو ڪي هڪ
ٻئي جو ٿيو آهي نه سمجهي ويندو آهي. ٻر ٿو ن —
گهر مان ٻه گهر ڪرائي تماشو، ڪري اوڙي پاڙي وارن
کي ڪٺو ڪري اسان جي لاڪيٽي عزت مٽي
۾ ملائيندا آهن.

پٽ تون هي ڇا ٿيو چئين .... مولڪي ا، ڪيو .... نه
ڪيو ....

پوڙهي ٻرلم ماءُ دانهون ڪندي رهي ٻر هن جي
ڪنهن نه ٻڌي. اهڙي قدر جو ٻڌهڻ جي رت، ٻيٽ
چائي پٽ ٻه نه ٻڌي. ان دردناڪ منظر تي آڪاش ٻه روئي
ڏنو .... قسمت جي ماري پوڙهي آدي رات تائين
مينهن وانگوڙي ۾ گهر کان ٻي گهر تي خاموش ٻاهڻ
تي ان جاڻل منزل لاءِ ٻڪڪڙ لڳي. ٻوري ڪاروڻي.
جون ٻتوون وسامي وٺون هيون. جنڻ ڪنهن ديوتا
جو ٻرڪوپ ٿيو هجي. قدرتي قهر نازل ٿيو هجي ....
وٽن ٿڻن جون ٿاٻون ٿڪڻ لڳيون. ٻجلي جا
ڪڙڪا اڙڪي پٽ ٻيا .... بادلن جي گڙگڙاهٽ — وڄ جي
چمڪاٽ...... پوڙهي ٻرلم ماءُ وڄ جي چمڪاٽ جي
روشني ۾ ٿي راهه تلاش ڪرڻ لڳي. جا راهه ان
روشني ۾ تي ڪيس ملڻي ڪانه هئي. وڄ جي چمڪاٽ
جي اک پوڻ تي ڪجهه فاصلي جي دوري تي ٿلهه
تي سکهي تي ٻر منزل نه ملڻي هئي. ٻداصوب ٻرلم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻ راهه ۽ واهه جي تلاش ۾ ڀٽڪڻ لڳي. روشني ۽ اونده جي واري وٽي، سان اچ وڃ ۾ اک ڇپ ۾ پريم ماڻ نوڪر ڪاٺي ڪار سان ٽڪرائجي وئي. ٿلها ڪار کي زور سان بريڪ لڳائي. ڪار جهٽڪي سان بيهجي وئي. ڪار جو دروازو کولي جڏهن ٿلها ٻاهر نڪتي ته هن جي نظر پريم ماڻ تي پئي. ٿلها ڪوڙن ٻر واهي رهي ۽ ڇمائين - امان توهان کي ڪٿي وڃڻو آهي. لڳي ٿـو اڻڏاهي راهه ۾ ميڻهن جهڙ ڪري اوهين واهه ڀلجي ويا آهيو مونکي پنهنجي گهر جو پتو ٻڌايو ته مان اوهان کي منزل تي پهچايان.

پريم ماڻ سڏڪا ڀريندي چيو - منهنجو عاشيانو اجڙي ويو، مان ولر ڪان وڇڙي وئي آهيان. جنهنکي واهه ۽ راهه تصور ڪيم اهو ڀرم هو مرگهه ترشنا هئي.... منزل .... منهنجي منزل تـه موت آهي. مونکي مرڻ ڏين ها. تو مونکي ڇو بچايو. مان جي ڇا ڪنديس؟

ٿلها چيو - امان اهڙي واڻي نه ڪيو ندا .... اوهان جو اڄهو .... ٻچن جو آکيرو .... اولاد ڪٿي آ ....

اولاد .... اڄ پنهنجي ٿي اولاد مونکي ٻي اولاد ڪري ڇڏيو. ٻـڍاپـي جي سهاري جـي لٺ ٿـهارو ڏيڻ بدران منهنجي ٿي پٽيءَ تـي وار ڪري اناٿ بڻائي ڇڏيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نشا آتم ڏيندي چيو - اوهان زماني جي گردش ۾ وقت هر ڪنهن لئي ايندو آهي. اوهين فڪر نه ڪريو آخر ڪار انسان انسان جي ئي ڪم ايندو آهي. نشا پرلم ماءُ کي پنهنجي گهر ۾ پناهه ڏني.

نشا پنهنجي گهر ۾ ئي هنر جو اندو مرڪز هلائيندي هئي - ان ذريعي هن ڪيترن ئي بي سهارا عورتن کي روزگار مهيا ڪرايو هو. نشا ڪنهن به بزرگ عورت کي تڪليف ۾ ڏسندي هئي ته پريشان ٿي ويندي هئي. هن کي پنهنجي ماءُ ياد اچي ويندي هئي. جنهن تڪليفون وٺي نشا کي پاڙهيو ۽ لائق بڻايو. هن جڏهن به پنهنجي پيءُ جي باري ۾ جاڻڻ چاهيو ته سندس ماءُ جي اکين ۾ پاڻي تري ايندو هو. هوءَ اداس ٿي ويندي هئي. جڻ ڪا ڳالهه لڪائيندي هجي. نشا کي پنهنجي ماءُ سان بيحد پيار هو. هن ماءُ سان واعدو ڪيو ته آئينده ڪڏهن به پيءُ جي باري ۾ نه پڇندي. سندس ماضيءَ جا ورق نه ورائيندي - ۽ نه وري نشا جي من ۾ ڪڏهن ڪي گمان يا وڌيڪ جاڻڻ جي تمنا پيدا ٿي. هن لاءِ سڀ ڪجهه ماءُ ئي هئي.

نشا سان گڏ ڪاليج ۾ اشوڪ پڙهندو هو. ٻئي هڪ ٻئي کي چاهڻ لڳا. ٻنهي زندگيءَ جي سفر ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳيءَ لپاٽڻ جو فيصلو ڪيو، پر اشوڪ جي ماءُ اُن
رشتي جي حق ۾ نه هئي. اشوڪ مڃائيندو رهيو
سندس ماءُ انڪار ڪندي رهي. اُن وچ ۾ نشا جي
ماءُ گذاري وئي. اِي رحم وقت نشا کان خوشيون
کسي ورتيون. حالات هن کي اشوڪ کان پري ڪري
ڇڏيو. هن جي دل کي بيحد صدمو رسيو. نشا
زندگيءَ کان مايوس ٿي وئي .... پر وقت ته وڏا وڏا
گهاوَ ڀري ڇڏي. زخم ڀرجڻ لڳا. نشا جي چهري تي
سڪون ۽ آهستي آهستي اکين ۾ چمڪ عيان ٿيڻ
لڳي .... اکين جي اُن چمڪ ۽ چپن تي مرڪ ڏٺيان
اُهي بي سهارا عورتن جي ڳوڙهن جي خشڪ ٿيڻ
جو بي بها سرمايو هو. نشا اُنهن ڳوڙهن کي اگهي
مظلوم عورتن کي زندگيءَ جي نئين راهه ڏيکاري. هنن
مظلوم عورتن ۾ نشا کي ماءُ جو روپ نظر اچڻ لڳو.
اُنهن جي ڳوڙهن ۾ ماءُ جي لڙڪن جون لڙيون نظر
اچڻ لڳيون. هو لڙڪي اُگهندي هئي. هن اُنهن چهرن
تي مرڪ آندي جڏهن مرڪ ۾ هوءَ ماءُ جي مرڪ ڏسڻ
لڳي. نشا پوڙهي ماءُ کي پيڙا ۾ ڏسي ڇرڪي اٿي. هن
کي پوري رات ننڊ نه آئي. هوءَ سوچيندي رهي
پنهنجي خون ممتا سان ڏاڍائي ڪئي. هوءَ صبح
جي انتظار ۾ هئي. پوڙهي ماءُ جي صدمي بلا ٽرڻ ۾ ڪيس
مدد ڪرڻ جي فڪر ۾ هئي. هوءَ پوڙهي ماءُ ۾ آتم وشواس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاڳائڻ لڳي - اهان زندگي جيئڻ لاءِ آهي. پريم ماڻ کي هنن جي مرڪز ۾ ڪم ڪندڙ انهن عورتن سان ملايو. جنهن کي زندگيءَ مان مايوس ٿي جيئڻ لاءِ ڪم ڪرڻ لڳيون. غم پلائي زندگيءَ سان نباهي رهيون هيون. جڏهن انهن پريم ماڻ کي انهن عورتن سان ملايو ته هن جي ڏک جو احوال ٻڌي هنن جا چهرا سمجهندا ٿي ويا. انهن شايد اهو پلجي ولي هئي ته زندگي گهارڻ ۽ ماڻڻ ۾ وڏو فرق آهي. هن ڪڏهن ڪنهن کان جاڻڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي هئي. پر اڄ انهن چهرن پنهنجي سمجهدگي جاڻڻ جو هن نهه پهچايو.

انهن پريم ماڻ کان پوءِ انهن جي زندگيءَ جا ورق ورائڻ چاهيا. انهن جي زندگيءَ جي ناول جا باب پڙهڻ چاهيا. ڪردارن جي مايوسي ۽ نا اميدي واري سفر ۾ هم سفر ٿيڻ چاهيو. جن لاءِ هن اڄ تائين صرف انهن وقتن جي روئي ڪافي سمجهي هئي. انهن جي ماضيءَ ۽ زندگي جي حادثن جاڻڻ جي ڪوشش نه ڪئي هئي. چهرن تي صرف ڏهراءِ ڏٺو ان پنهنجي غمن جو کهڙو اٿاهه ساگر هو انهن ٻاري ۾ جاڻڻ جو ڪڏهن ڪنهن سوچيو .... اڄ الائي ڇو انهن سان گڏ وهي رهي. نه چاهيندي به شخصي زندگي جاڻڻ جي اڪير ۽ لالسا پيدا ٿي. جڏهن پريم ماڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي درد جو داستان بيان ڪيو ۽ اُنهن جي اکين مان آب ڇلڪي پيو.

هيءَ آهي دادي اُرملا .... جملي پوري ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي اُرملا اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. وشواس گهات.... مون سان وشواس گهات ٿيو آهي. هن پنهنجي زندگيءَ جي ڪتاب جا ورق ورائي ڇڏيا .... سڀني جون نظرون سندس چهري تي کپي ويئون.

”امڙ ۽ بابي جي گذاري وڃڻ کان پوءِ مون ڀاءُ کي ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان پاليو. اسان جي عمر ۾ ايترو فرق ڪونه هو، پر مون وڏيءَ ڀيڻ وانگر نه بلڪ ماءُ وانگر هن جي سار سنڀال لڌي. پنهنجون خوشيون هن مٿان قربان ڪيم. ڀاءُ جي لانئن لڳڻ ۽ گهر آباد ڪرڻ لاءِ مون زندگيءَ جي سفر جي همسفر کي پنهنجي بدلڻ لاءِ مجبور ڪيو. ڀاءُ جي مٿي تي مڪٽ ٻڌڻ جي ارمان ۽ خواهش لاءِ مون زندگيءَ جو هي بها سرمايو وقت جي ڌارا ۾ لوڙهي ڇڏيو. پر شاديءَ کان پوءِ زال جي چوڻ تي مون کي روٽي ٽڪر لاءِ محتاج ڪيو .... ڀاڀيءَ جو چوڻ هو ته مان هنن جي سکي سنسار ۾ رڪاوٽ آهيان. ڪلهه پوري زندگيءَ ۾ ڪنڊو آهيان. هڪ ڏهاڙي ڀاڀي ڀاءُ کي چئي رهي هئي............

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"پاڻ نه شادي ڪانه ڪئي اٿائين انهيءَ ڪري
اسان جي خوشين ۾ اُهي آهي. مونکي نه اصل هن
جي نظر ئي نٿي وٺي. اسان جي سڪي سنسار ۾
پيار ڪي نظر لڳائيندي."

نرملا روئندي چيو- ڀڳوان ساکي آهي مان هن
جي پيار ۾ انڌي ڪيو هيس. مونکي وڪڻ لئي
طعنا هنيا ويا. ڏائڻ ۽ مهڻل ڪيس
جا خطاب ڏنا ويا .... انهيءَ پاڳل سان ڪير لائون
لهندو. مون پنهنجي زندگي سولي ڪري پاڻ ۾
جي سيج سجائي .... اگر مان پنهنجي ذلت ڀري
زندگيءَ جو بيان ڪيان ته ڏونگر ڏري پون.... مرن
کي به مات اچي وڃي.

نعا جي والدان رڙ ڪري وئي. الله ڙي !!
جڏهن پڻ پنهنجي زندگيءَ جون خوشيون قربان
ڪري سندس زندگي سنواري تڏهن پڻ ڪسي زال
جي چوڻ تي دربدر جون ٺوڪرون کارايائين.

ها زال جي چوڻ تي مونکي پنهنجي ٻچيءَ گهر
مان ڪڍي ڇڏيو. سڄا جو سڄ ڪسي بازاري حسن
جي رونق بڻائڻ چاهيو. منهنجي مائي جي ماءُ
نڪن تي ورتل عورت جون خواهشون پوريون
ڪرڻ لاءِ - نعا ديدي اوهين اگر سهارو نه ڏيو ها ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان هر ايندڙ رات سان لٽيل، سيج سجايان ها ۽ هر اٺين صبح سج اڀرڻ سان ضمير جي جاڳڻ ٿي چڪيا ٿي چڙهان ها. ان ڪشمڪش ۾ ٻـديءَ جي ڏيـڻ ۾ وڃان ها ڦاسندي .... اڄ ٿيءَ مدت ڪش سيتا سيتا نه هجي ها پر .... پر سيتا سڌڪا ڀري روئڻ لڳي.

تنها جون اکيون ڦـاٽي ويون، ڏندن ۾ آڱريون ڏيندي چيائين اي ڀڳوان! اُن نيچ عـورت ڪري پنهنجي اولاد، جگر جي ٽڪري ليلاٽيءَ کي اندڪار ۾ ڌڪڻ چاهيو.

پـرنم ماءُ چيو ها پت صرف عورت لاءِ .... مرد جي اکين تي پڙدا چڙهي ٿا وڃن ۽ پوءِ ڏيءُ پوڻ جو لحاظ ۽ ديد ٿي نـه ٿي رهي. اهو پهرئين وارو زمانو نـه رهيو آهي. گڏيل ڪٽنب جـو ويچار ٽٽي رهيو آهي.... اڄ اسين ٻاهر کي اڳي کان وڌيڪ تعليم يافته، ترقي پسند ۽ مهذب ٿا ٿيون ٿا.... پر انسان جي زندگيءَ جا مٿهين اخلاقي قدر وڃن ٿا ڪرندا.

اها رات تنها ئي آرامي ۾ ڪروٽ بدليندي گذاري ۽ هوءَ سوچيندي رهي. اڄ ڏينهن ٿائين هن اهو ڀانئيو هو ته هن ئي سهارا مظلوم عورتن کي سهارو ڏيئي ڏوڙها اڳهي ڇڏيا آهن. سڪي روئي ميسر ڪئي آهي .... پر نه .... تنها پاڻ هئي. هن ان وقت لاءِ روئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ منهنجي ڪٿي پـــر دکـــ دردہ انڌو جا گهاو تہ
پوري سگهي ۽ نہ ٿي اهي گهاو پورا ٿيا ـ هڪ عورت
جي پُور پاڻ سان ٻيءَ عورت جي زندگيءَ جو داغ ....
سڙدو ... ڪنهن هڪ جي زندگي اڌوري ـــ عذاب ....
لڙڪ ۽ مرڪ جو سڙدو .... پورو اڻ پورو .

ٻئي ڏهاڙي صبح جو جڏهن اشوڪ انتا وٽ آيو
تہ انتا جي اکين ۾ نهاريندي چيائين ـ انتا لڳي ٿو
تون پوري رات سوچيندي رهي آهين. رات
جاڳيندي ڪاٽي اٿيئي. تنهنجون اکيون ٻڌائي رهيون
آهن تہ تو ننڊ ڪان ڪئي آهي. اسان جي وچارن
۾ ڪيتري نہ هڪ جهڙائي آهي ـ مون پنهنجي
فيصلي کان ماڻهن کي آگاهہ ڪيو آهي. هاڻي اسان
کي ڪو الڳ نہ ڪري سگهندا. منهنجي زندگي تو
بن اڌوري آهي، اڻ پوري آهي. مان تو لاءِ هرڪا
ڳالهہ ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. سڀ ڪجهہ تياڳيندس.

انتا اشوڪ جي چهري طرف نهاريندي چيو ....
اشوڪ سڀ ڪجهہ تياڳيندين؟

ها بلڪل! مونکي تون کپين. انتا صرف تون!
مٽ مائٽ خاندان سڀ ڪجهہ ڇڏڻ لاءِ تيار آهيان.
تون زبان مان هڪ اکر نہ ڪڇ. پنهنجي خواهش
جو اظهار نہ ڪر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اشوڪ تون جذباتي ٿيندو رهيو آهين .
تنها، جذباتي ٿيڻ جو سوال نه آهي. مان سڀ
ڪجهه ڇڏڻ لاءِ تيار آهيان،

سڀ ڪجهه .... ؟

ها، سڀ ڪجهه .

تنهنجي ماءُ ؟

ها، امان کي به .

ماءُ کي به ڇڏيندين ؟

ها اهو منهنجو فيصلو آهي، امان کي به ... صرف تو سان زندگي گذارڻ لاءِ مان هر شيءِ ڇڏيندس. زندگيءَ جي ان راحت لاءِ .... ميلاپ لاءِ .... جنهن ميلاپ لاءِ مان مدت کان وٺي ترسندو رهيو آهيان. ان حسين راحت جي لمحا ۾ ترسندو رهيو آهيان .... تنها ان کان پوءِ دنيا ۾ سڀ اُبري نه اُبري. مون کي ڪنهن جي پرواهه ڪانهي.

تنها ۾ قدم پٺتي هٽندي چيو، "اشوڪ مان تو سان شادي نه ٿي ڪري سگهان."

"تنها! هي تون ڇا چئي رهي آهين."

اهوئي نه، مون وٽ تو لاءِ ڪا جاءِ ڪانهي.

هيءَ سزا ڪهڙي ڏوهه لاءِ؟ منهنجو گناهه؟؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"گناھ! منھنجو سڀ کان وڏو گناھ اِھو آھي تہ جنھن ماءُ توکي ڏھہ مھينا پيٽ ۾ سانڍيو، اوچتو ڪري تڪليفون وٺي جنم ڏنو، پاليو، نپايو توں اُن ممتا جــو لــي گلو گھوٽي پيار جــي سيج سجائڻ ٿو چاھين. تنھن جو قرض چڪائڻ بدران پيار جو تاج محل اَڏڻ ٿـو چاھين. صرف اُن رات لاءِ .... ميلاپ لاءِ .... افسوس مان اھو ئي نہ ڏئي چاھيان.

منھنجي دل جا دروازا تـو لاءِ ھميشہ ھميشہ لاءِ بند آھن. سھاڳ رات جي سيج جي قيمت ماءُ جي ممتا کان وڌيڪ نہ آھي. ھاڻ ھليو وڃ . ائين منھن موڙي ڇڏيو.

o

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳڏي ڪريما

ننڍي هوندي کان ئي امـڙ جـــي واتان اڪثر "ڳڏي ڪريما" جو نالو ٻڌندا پيا اچون. اگر ڪڏهن سکڻ وانگر ڪجهه گهريو ته امـڙ جي واتان ازخود لفظ نڪريو وڃن "آهين ڪا ڳڏي ڪريما." بس اسان به ٻارن ۽ ٻين هڪ ٻئي لئي لفظ رکڻ شروع ڪئي. اگر ڪو ڪڏهن شيءِ ڪار لاءِ اتاولو ٿيو ته شروع ٿي وڃون آهين نہ ڪا "ڳڏي ڪريما". جڏهن اهو لفظ عام ٿيو ته ان پهاڪي جـي معنيٰ ڄاڻڻ لاءِ دل ۾ تمنا پيدا ٿي. هڪ ڏهاڙي اصل امـڙ کـــان ان پهاڪي ۽ تخلص ڄاڻڻ جو به پڇيو. امڙ اوهين اهو جملو ڇـو استعمال ڪندا آهيو. امـڙ ورائيو، لال هيءَ انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي جڏهن مان ننڍين شادي ڪري شهداد ڪوٽ آيس. گهر ۾ ڪريما نالي مائي ايندي هئي. ٻئي گهر ڪندي هئي. انهن ته ڏٽي جا ڏال گڏيج هيس. ٻنهي لهيدار هوس، پـر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسان عادت کان مجبور هن جي گهر گهر لئي وڏي
اميد ڪئي ڪاوڙ لڳي هڪ ڏهاڙي امي ڏٺو ته ڪچڻي
۾ مرڪڻ وجهي ڪالي رهي هئي. ڪريما چيو - آئي اچ
منهنجي طبيعت ڪچي. ٻولي ٻڌي لڳي سوچيم گهر
وڃي ڪچڻي ذرو تيار ڪري ڪالهندس. وڏي اميد
ڪئي ڪاوڙ لڳي ته ڪچڻي لاءِ ڪنڊا ڪڍي رهي آهي.
دل ۾ ٻهه ٻچاڻائين ته اڄ ڪريما کي ڪچڻي ڪان
ڏيندس. ڪريما کي ته ڪچڻي کان سڪايائين ٻيو
پاڻ ٻيهت جي سور کان ولهي ويئي. چياڻون ان مٿئي
"ڪڏي ڪريما" جي اظر لڳي آهي. بس، ان
ڏينهن کان "ڪڏي ڪريما" وارو پهاڪو مروج ٿي
ويو.

ڪڏي ڪريما جهڙي ڪذائپ واري عادت لئي
سوچيم وڏا کي اپاءَ ڪيا آهن. انهن جي نگاهه
اهڙن جيون کي پرکي ولي. گهر ۾ ان ٻکو اچي ٻيا
ڏڻ وار جي ڪا شيءِ هجي، تر موريءَ جا پوٽيندا
يا وري مهاڪشيءَ جا سمع ٻوڙا يا وري اڪڻ نيمج
جا وچڙا، دلا ولڳيون وغيره ڪريما جو حصو ضرور
لکري. ٻيو ته ٻيو شوراريءَ جي ٻيرن ۾ ٻه اڪ
انڪيو وچيس ۽ انڊي ۾ شرادن جي سوري کي ڏسي
چيون لئي جپ ضرور ڦيرائي. شرادن جي انگوچن

مان ڪريما جو حصو ضرور نڪري. ٻيو ته ٻيو ڳالهه
جا ماڻهو به نه ڇڏي. ڇوڪري ڳرهاٽي توهان جون ڳالهيون
ايڏا ماڻهو ڳالهائيندا هون ته ٻڌائڻ جو ٻهت ته آتڙجي
پوندو، به ٿي ماڻهو ڪٽي وڃي ڳالهڙيءَ ڪي ڪارائيندس.
ڪريما جي ان ڪتاب لي ڇڙ لڳي ٻر ڪڍهن ڪل
اچيو وڃي.

هڪ ڏهاڙي اڄ ڇيو ٻارو توهان کي ته خبر آهي
اوهان جو ڏاڏو وڏو حڪيم هو. هڪ ڏهاڙي ڪين
ڪڪ لاهيندي ڏٺائين. ڇيائين مٿر ڏاڍي سختي ٿي
پئي آهي ڪو ڪڪ وغيره هجي ته ڏيو. پس،
اوهان جي ڏاڏي جو ٻارو چڙهي ويو.

اڄ ڇيو ڪريما جي ان علت کي ڏسي مون کي
اهو سبق مليو ته ٻارن جا ڪ سوڏي ٻهت پرايل هجن.
ڪتاب نه ڪن. انهن لي ڪڙي نظر رکڻ شروع
ڪيم ته متان ڪڏي ڪريما واري عادت پوئن؟
پوءِ ڇڻن ڇڱن اڳيان ڪيڻ ڪٽڻ مشڪل ٿي پوي.
مجال جو ٻار سڪڻ والڪر دل ڪن. اڄ جي ٻارن
لي ڪڙي نظر.

ڪڏي ڪريما جي قصي ٻڌڻ کان پوءِ اسين
به خبردار ٿي وياسين ڪٿي ڪڏي ڪريما جو لقب
نه ملي. ڪڍهن نه من ۾ ويچار ايندو هو ته ويچاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪريما کي هروڀرو ائين ڪري بدنام ڪيو هونداٿون،

امڙ کي ڪڏي ڪريما جو وهنوار ڪيترو ڪٺڪيو هوندو ۽ اها ڳالهه امڙ ئي محسوس ڪري سگهي ٿي. پر نه ڀلي نه "جو تن لاڳي سو تن جاڻي". ٿوهان کي ڇا ٻڌايان. اڄ مان به ڪڏي ڪريما سان منهن مقابل آهيان. هيءَ اها سنڌ واري ڪڏي ڪريما ته نه آهي. پر اڄ جي جديد دور جي، غريب ۽ ڳوٺاڻي ته نه پر چڱي چوکي گهر جي شهري پڙهيل لکيل. ڪجهه ڏهاڙا اڳ مون ڪڏن ۾ ٻه ٻيا ٽڪ ڪرايا. امڙ ڪڏن ۾ ٻه ٻيا ٽڪ ڪرائڻ تي ناراض ٿي. ڏمرجي وئي. وري ٻيا ڇو ڪن ٽوپايئه؟ هڪڙن لاءِ جهومڪ ۽ ڦليون وٺي ٻيهر ڪيا اليڪي ايترا پائين ڪاله صرف وڃي ٿي گڏ ڪندي. هاڻي جهڙي مون واڻون همرن جون ڦليون آهن سي اڳوڻو پائي ڇڏ. گهڙي گهڙي لاهه پاهه نه ڪر ۽ هڪدم ڦليون ڪڍي پائڻ لاءِ ڏنائون.

بس، اوهان کي ڇا ٻڌايان جيئن ٿي ڪوشش ڪڏن ۾ اهي ڦليون ڏنيون ته هڪدم ڪڏن ۾ همت وجهي ڇماڻين واهه. جون ڦليون اليڪي. منهنجي نه رڙ نڪري وئي. الله ڙي مري ويس ڪن ڳا سور ڪن، اڃا هاڻي ٽوپايا آهن. ڏاڍهن ڪوڪ ٿي مس وڃي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن مان همت ڪيائين. سو ڪري اکين ۾ اک مان
پاڻي وهڻ لڳو. حالانڪ ڪيس موڪلان سڻيون ٿليون
ٿيون هيون. هڪي ٻالهن ۽ ڇوڪرا ڏسي ڪري ٻالهن کي
سمت ڏيئي اکيون ٽمڪائيندي چيائين موهل گهٽن
ڏولن جا اٽيئي؟ مون وراڻيو ڪوڙا آهن. ماٺ ٿي
ويئي. هڪ وار هڪ ڦڪڻ لئي وڃڻو هو. ريلاو
جون مشغوليون ۽ وقت جي ڪمي مهنجي هار
سينگار لئي مدتيتو ڏيئي ڇڏيا ئو مان ٻه، وٽ سمت
ڪري اهڙن موقعن لئي مشغولين مان ڪي گهڙيون
پاڻ لاءِ چورائي ڏي ولـان. بس هتن ۽ چوڙيون پيرن
۽ پازيب (گجرا ون) ڪڏهن ۾ ڪڇي ۽ مرلين ۾ ايـڙن
جڙيل جهومڪ ۾ هار مٽان وري وڏي جاڪوڙ سان
همت ڪيل اڇو گلاب جو گل. پنهنجو پاڻ کي
آئيني ۾ ڏسڻ ۾ مصروف هوس ته ڪوشي ۾ اچي
ٺهڪو ڪيو. موٽڪي ته اصل ڦڦڙي ٻڌي وئي
ٻڪدم پڙ ۽ اچي ته ڪياٽين هم ته ڏم ساڙهي ۾ کي
ڪري سمت ڏنائين. مون پڙ وچان رڙ ڪئي الله، ڙي!
ساڙهي ۾ جا ڇڙ خراب ٿي ويندا. ڇٽ چيائي ساڙهي
پايان ۾ وري ڏهه ته پدون انڪايان. گهر واپس ورڻ
لئي ٽڪجي ٽڪجي قانه لئي ڪري پوان ڇڙ ڪا
ڪوڏر هنئي هجم. مهنجي ساڙهي پاڻ ڇڙ غراب
جي شادي. مهنجي دالهن ته ڪلي چيائين خبر الم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خبر اٿم توکي ساڙهي پنڊي ڪولا اچي، تون جنهن جي مالڪ سنڌ ۾ پڙدي واري ماحول ۾ رهيئن. تون پهريان سلوار ڪڙتا. ڪر تنهن خبر هيءَ ساڙهي پيو ر سلڪ جي آهي نه؟ مون چيو نه آرٽيفيشل. ڪار ڪمپيٽيشن سنا لڳا ڪري ورتم. هروڀرو ايتري مهانگي ڪاٿي جيتري تون پاتين ٿي. منهنجو ڌار سينگار جاري هو. ايل پالش ڏسي چيائين امپورٽيڊ آهي نه؟ مون ورائيو - هتان ٿي ورتي آهي. لپسٽڪ؟ لپسٽڪ به هتان ٿي ورتي آهي. رڱ ڪري چيائين ته، الي! Shade تنهن ڏاڍو سٺو آهي. مون موت ۾ ڪجهه ڪو نه ورتو. اچا پرفيوم جي بوتل ڪيئي لڳائي رهي هيس ته سٽ ڏئي پڇهن جي مٿان کڻي پڙهيائين. مون رڱ ڪري چيو، بس بس اها ايتري نه لڳائي آهي. ڪوشي ٿوري.... ٿوري.... پورو ڪمرو خوشبوءِ سان معطر ٿي ويو. مان دل ئي دل ۾ روئندي رهيس هڪ ته پاڻ اين اڀالي سالين ولايت مان اچن ته هڪ اڌ بوتل کڻي اچن مان ڪنجوسي ڪري ٿورو ٿورو لڳايان. دل ۾ يا حسين يا حسن ڪيم. اصل منهن ٿي لهي ويو. ڪوشيءَ ڪي مون لي دٻا نه آئي. چهرو لٽل ڏسي چيائين خبر ته آهي اڄ ڪنهن جي قتل جي واري آهي. محترم الله جائي ڪيترا خدا جا بندا هوش حواس وڃائي وهندا. دل ۾ چڪ ڪائيندي چيم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاٻيائي دل ۾ ديا ڌار. منهنجو مذاق اڏائي رهي
آهين، گهڻا گهايل ٿيندا؟ ٻله ٻرپٽر تـ سي ڪنٽرول
ڪندي دل تي پٿر رکي ڇنم اڄ ٽائين ڪنهن ڪـي
گهايل ڪونہ ڪيو آهي ۽ نہ وري ڪرڻ جـو ارادو
آهي. اهي ٻيڪار جا ڪم ڪونہ ڪريان. اڃان جملو
پورو ٿي ڪونہ ڪيم تہ موٽو ڏيندي چيائين ٻيڪار
جا ڪم؟ گهايل ڪرڻ ٻيڪار جا ڪم آهن. ٻيڪار
جا ڪم تـ لون ڪاٻـر ڪارا ڪري ۽ هي سوشل
سروس جا ڪم ڪري رهي آهين. جنهن مان نہ ڪي
وري نہ ڪي سري. اجايو وقت وڃائي رهي آهين
زور سان ٽوٽ هٽي ٿهڪ ڏيئي چيائين ڇتران ڇري!
منهنجو تہ سدس ٿهڪن ـي پارو چڙهڻ لڳو. مون
جو ٻالري ٻاڪس مان موٽين ۽ اڙن جڙيل جهوڪ ۽ هار
ڪڍي پائڻ شروع ڪيو. منهنجي هار پائڻ تي ڪوشيءَ
جون اکيون چمڪي اٿيون. اڙي واه هيءَ سيٽ ڪٿان
گهرايـو اٿيئي؟ مـون ورتيو بغداد مـان.
بغداد جو نالو ٻڌي اکيون چمڪي اٿس ۽ وري
چيائين هيءَ مڏبي هيرن جي اٿيئي. مون چيو تـ
آفريڪي ڊائمنڊ جي آهي. ڏاڍا مهانگا هوندا؟ مون
چيو ها ٻر ٻين هيرن جي قيمت ۾ گهٽ. کلي چيائين
اڄ تـ بغداد جي بصري جـي حور ٿي لڳين.
لوڪي خبر آهي شاهه جهان ممتاز محل جي ياد ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاجمحل ٺهرائڻ وقت بغداد مان يعقوت، عقيق، موتي ۽ قيمتي پٿرا گهرائي تاجمحل ۾ جڙايا هئا.

جهروڪن ۽ هار لي نظر وجهي آئيني کان ڪجهه جاڙ لي چاهيو ان وچ ۾ ڪوشش نه ڪئي هم نــه ڪئي لم هار ۾ ڪري هٿ وڌائين. مولين جون لڙهون ٽٽي پٽ پيون. مذهبو تاجمحل واري جي بهار والڪو ڍهي پٽ پيو. مان بغداد جي موتي، يعقوت گوهيد سان جڙيل جهروڪ ۽ هار پائي پنهنجي شاه جهان اڳيان وڃان تنهن کان اڳ ٿي ڪوشش مذهبي مستقبل جي عظيم يادگار تاجمحل اڄ جي کان پهرين ڍاهي پٽ ڪيو. مان ماضي ۾ موتي واس، مون ان وقت "ڪٽي ڪريما" کي ياد ڪيو جيڪا اڄ ڪوشش جي روپ ۾ مذهبي اڳيان موجود هئي.

اڄ کُليون اکيون

اڄ صبح جي آمد .... اُسر جو ويلو .... ديوي ديوتائن جو ويلو ---- اُسر ويلي اهڙو منظر .... اڄ کليون اکين جو سانت ذهن ڏٺو ..... عجيب منظر ..... وياڪل من .... احساس .... جذبات .... انگ ڪالداڙجي ويا ....

هڪ عورت جي جسم مان سڄون ٽمڪي خون جا قطرا ٽپڪي وارا ---- عورت ابال ---- لاچار .... مجبور ---- بي سهارا ---- اي ڀڳوان ڪير آهي .... هيءَ عورت ---- بيبس عورت جي اها درد شا ڏسي مهنجي والان دانهن نڪتي هن ابلا تي اتياچار ڇو ٿيا ڪن. مهنجي اهيءَ دانهن تي مٿن ۽ مٿي آواز جو جواب - هيءَ مهنجي ماءُ آهي.

مهنجي ماءُ!

ها! مهنجي جيجل ماءُ.

مهنجي جيجل ۽ مهنجي قرب آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهذبي ماڻ کي اگر ڪنهن همت لاهي ته مان اُن
جو موچڙن سان دون ڀڃي ڇڏيان . ان جو چهرو
بدصورت بڻائي ڇڏيان. مان ان جون اکيون ڪڍي
ڇڏيان. مان اُن جو خون ڪري ڇڏيان .

مٿو آواز ڇيو- تون اُن عورت کي نه ٿي سڃاڻين.

نه، مان ان کي بلڪل نه ٿي سڃاڻان. موڪي ته
هن بدمعاش ابلا تي رحم ڀيو اچي - ۽ هي ڪهڙا ماڻهو !
....جيڪي ان وحشي عمل ۾ شريڪ ٿيڻ کان انڪار
ڪري رهيا آهن. مهذب موڙي ڀڄندڙ مرد - ۽ دامن
ڇڏائي ڀڄڻ واريون عورتون - اهي - باغي آهن .

باغي !....

ها- اهي مرد ۽ عورتون باغي آهن. هن عمل
خلاف بغاوت ڪرڻ وارا - زماني سان قدم ملائي
هلڻ کان انڪار ڪرڻ وارا .... ديوانا .... تون انهن جي
دردشا نه ٿي ڏسين - تهذيبي اکين آڏو آهي. خون
ٿيڻ کان انڪار ڪري منهن موڙي ڀڄڻ وارن
عورتن جي جذبن ۾ همت وجهي انهن جون چادرون
لاهڻ - انهن کي بي آبرو ڪرڻ ۽ .... ۽ ٻئي طرف منهن
موڙي انڪار ڪري ڀڄندڙ باغي مڙدن کي مارڪٽ،
لعنت ۽ انهن جو منهن ڪارو ڪرڻ.

انهن مردن ۽ عورتن جي اها دردشا ڏسي مهذبي
وارا رڙ ڪئي - هي مرد ۽ عورتون باغي ته نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن - پر .... پر اهي مهذب، نيڪ ۽ لاچار، خدا جا پيدا آهن.

منهنجي ان ردعمل سان مڌر آواز جي ٺهڪن جي مڌر جهنڪار سان وايو منڊل گونجي اٿيو. مڌر آواز ڇيو سڀ انهن لئي ڇوندا آهن. تون ڀي اکيون ٻوٽي ڇڏ. منهنجي ماءُ کي نه ڏس. پيئڻ ڏي انهن خوني درندن کي خون....

منهنجي ماءُ!!!

ها!

هي درندا منهنجي ماءُ جو خون پي رهيا آهن؟ تون جيجل کي ڇڏائين ڇو نه ٿي؟

اوچتو چئني دشائن ۾ روشني ئي روشني، چارون طرف نُور ڦهلجي ويو - فضا خوشبوءِ سان معطر ٿي وئي - اتر دشا مان آواز آيو - اهو ئي ساڳيو مڌر آواز - ڏس ڏس هن طرف ڏس، منهنجي سرلي اچي وئي آهي. جنهن تي نگاهه قربان ٿي اکيون چرخ ڪندڙ منظر .... ومان تي هيرن جواهرن جي زيورن سان جهنجهيل هڪ حسين عورت ....

منهنجي واتان بي ساخته دانهن نڪتي - الله!
پري .... پري هيءُ مڌو آواز ٺهڪندو هو؟

سندرتا جي ديويءَ مسڪرائي انڪار ڪندي چيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ منهنجي ساهيڙيءَ جو ۽ مڙي ڪري هنس تي سوار سرسوتيءَ طرف اشارو ڪيو.

هن چيو ماءُ کي نه ڇڏائيندينءَ. اهو ساڳيو مٺڙو آواز.... واڳو مڌبل هڪ ڀيرو وري مٺڙو جهنڪار.... ماءُ کي نه ڇڏائيندينءَ .... آواز جو پڙاڏو .... ماءُ کي نه ڇڏائيندينءَ... ماءُ... ما... ءُ.... ءُ.... منهنجي ماءُ؟ منهنجي ماءُ ته منهنجي پرم آهي.

اڙي، تون هن کي سڃاڻي نه ٿي سگهين؟

مان ايڏو نه ڏسي رهي آهيان ته ڪوئي دردلا اُن مظلوم عورت جي لهوءَ جي بوند بوند پيئي رهيا آهن.

مٺڙ آواز جي هڪ ڀيرو وري گونج.... ماءُ کي نه ڇڏائيندينءَ!!!

مان!

ها!.... تون!!!

مان اڪيلي آهيان اڳيئن تي اهي وحشي دردلا انڪار ڪرڻ وارن جي بري درد شا ڪري رهيا آهن ۽ عورتن کي بي آبرو ڪري رهيا آهن ۽ مان.... مان پلا پنهن جي ٻاهه پچو نپو ڏيان .... مان ته ڪمزور .... ۽ اڪيلي عورت آهيان.

منهنجي ان جواب تي هنس تي سوار مٺڙ آواز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري سمنڊ ديويءَ هيرن جواهرن سان جڙيل ٻيڙي طرف موڙي ڇڏيو — هيءَ آهي منهنجي ساهيڙي لڪشمي .... ڏس مـــان تنهنجي ڪيئن ٿي مدد ڪريان. ها هميشه لاءِ ته تنهنجي مدد نه ٿي ڪري سگهان، في الحال هن مظلوم عورت جي ٻچڙن مان جان ڇڏائي رهي آهيان.

مان گوڏن ڀر جهڪي ڇڏيو — ڏاڍو آهين ديـوي تون.

ان تي هن وراڻيو- مان توهان کي هڪ صلاح ڏيندس پنهنجي مدد پاڻ ڪريو، ته بهتر ٿيندو .... لڪشمي اهو پنهنجو هار ته ڏجانءِ.

۽ ڏسندي ئي ڏسندي هيرن ۽ موتين سان جڙيل هار ٽوڙي داڻو داڻو ڪري زمين تـــي قيمتي هيرا جواهر ڦٽا ڪرڻ شروع ڪيا ۽ اک ڇنڀ ۾ ان عورت جو خون پيئڻ ڇڏي ڪري وحشي ٻلا هيرا جواهر چونڊڻ ۾ لڳي ويا جيئن راماڻ ۾ بيان ڪيل منظر. جنهن ۾ سيتا جي راوڻ طرفان هرڻ ڪرڻ تي سيتا ماتا طرفان پنهنجا گهڻا ڦٽي ڪرڻ تي وانر سيدا زيورن چونڊڻ تي ٻرڇي پئي.

ڏسندي ڏسندي اکين آڏو منظر بدلجي ويـو - ان مظلوم عورت جو جسم ٻچڙن جي خون پيئڻ کان ڦ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ اُھن تي وڏو ھجي جھڙن انسان جي جسم تي
ڇوڪرن لڱڻ کان پوءِ خون پيئڻ کان پوءِ ڇوڪرن جا
نشان رھجي ويندا آھن - اھا عورت نڊال ٿي
ڪنجھڻ ڪرڪڻ لڳي - ٻئي طرف آھستي آھستي
سج جي لالاڻ کي چمڪندڙ تيز روشنيءَ ڳرڪائي
ورتو.

؟ .... ؟ اُن تيز تکيءَ روشنيءَ اُن واڻو مدبل
کي ٻه اندر سمائي ڇڏيو .... مدھڪون
"اَڏ کُليڙن اکيون" ٻو ريڙن ڪلي وڏون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وحشي ڪير؟

اعجاز ايماندار، رحمدل ۽ نيڪ انسان هو. قسمت جي مار، وقت جي ڏاڍ ۽ زماني جي گردش هن جا پيءُ ماءُ، مال ملڪيت، ڀيڻون ڀائر، تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيا. پوءِ جو قدرتي قهر پوري ڳوٺ تي نازل ٿيو. حالات ۽ وقت سان مقابلي ڪندي هن همت نه هاري ۽ پنهنجي محنت ۽ مشقت سان روزي روٽي ڪمائڻ لڳو. نه صرف ايترو پر هن پنهنجو اُجهو به اڏيو. ان ننڍڙي خوبصورت آشياني جي ملڪاڻي هئي سندس گهر ڌياڻي روبينا ۽ اڱڻ ۾ ٽڙندڙ نازڪ پونئر سندس معصوم ڌيءُ شبنم. ان خوبصورت گلستان جو مالهي پاڻ ئي هو رکوالي ڪرڻ لڳو. انهن نه روبينا ڪا حسن دوشيزه نه هئي ۽ نه وري ڪو اعجاز حسن جو پوڄاري يا شيدائي. هو خدا ترس نيڪ بندو هو. روزي روٽي ڪمائي پنهنجي شريڪ حيات جي حوالي ڪندو هو. اعجاز محل ماڙين جي خواهش کان دور، ماضيءَ جي اونداهي دور کان دامن ڇڏائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مستقبل جي شمع روشن ڪرڻ لاءِ محنت مزدوري ڪرڻ لڳو. رب جي رضا ۾ راضي رهي، مالڪ جا شڪرانا مڃڻ لڳو.

ٻئي طرف روبينا جي سوچ ۽ نظريو الڳ هئا. هوءَ هر وقت اعجاز کي ماضيءَ جي ياد ڏياريندي رهندي هئي - ”توهان جي وڏن جي ڪهڙي نه ملڪيت هئي ۽ اڄ اسان وٽ ڪجهه به ڪين آهي.“ اعجاز کيس سمجهائيندي چوندو هو - ”روبينا وڏن جي ملڪيت وڏن سان وئي. ڪير ڄاڻي سڀاڻي ڇا ٿئي. بادشاه فقير ٿي سگهي ٿو ۽ فقير بادشاه“

روبينا کي اعجاز جون اهي نيڪ صلاحون بلڪل ڪين وڻنديون هيون. هن جي من ۾ چوويهه ئي ڪلاڪ محل ماڙين جا خواب وڏندا ويٺهندا هئا. ليڪن نه روبينا جو واسطو تمام غريب گهر سان هو پر هوءَ هميشهه دولت، شهرت ۽ شهري زندگيءَ لاءِ ئي چئن هوندي هئي. هن اعجاز جي به ننڊ حرام ڪري رکي هئي.

هڪ ڏهاڙي هن اعجاز کي چيو - ”هي ڳوٺ جي هيءَ زندگي به ڪا زندگي آهي. منهنجو نه گهر جي چار ديواريءَ ۾ دم پيو گهٽجي. الله ڄاڻي هن گهٽ ٻوسات واري ماحول کان ڪڏهن نجات ملندي، چادر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ چار ديواريءَ اندر قيد ڪري موڪلي ته توهان ٻنهي ٻرقعي واري ٻڍاڙي ڇڏيو آهي. زمانو ترقي ڪري ويو، اسين آهيون جو جهونن ريت رسمن کي چنبڙيا پيا آهيون. نه ڪنهن وٽ اچ نه وڃ. صبح شام رڳو پيٽ نڪر جو فڪر. پيٽ ڪاٽي پيٽ ڪاڙهه“.

اعجاز چيو - ”روبينا، وڏڙن جو ڳوٺ جي وڏيري سان دعا سلام هو. اُنهن ڏاڏن کان وٺي هڪ ٻئي کي سڃاڻون. تون اُنهن جي ٻارن سان ملڻ هلي وينديءَ ڪر. ملڻ ڪرڻ سان واقفيت ٿي ويندي ۽ هن ماحول کان ٻاهر اچڻ لاءِ تنهنجو من به لڳي ويندو. منهنجو ته پنهنجي ڌيءَ سان ڳالهيون ڪندي ئي وقت گذري ٿو وڃي“.

اُن تي روبينا چيو - ”اوهان ڪم سانگي گهر کان ٻاهر نڪرو ٿا پر مان ڪيڏانهن وڃان؟“

”تون ته مون سان گڏ معصوم شبنم جون پياريون پياريون لاليون ونڊي پئي“.

اعجاز ۽ روبينا ۾ روز اِهو ڳالهه تي تڪرار ٿئي، پر اعجاز مسڪرائي ڪن لاٿار ڪري ڇڏي. وقت گذرندي ويرم ئي نه ٿي. شبنم مکڙيءَ مان نڪري گل بڻي.

ڳوٺ جي وڏيري علي گوهر جي پٽ جي شادي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. اعجاز کي به شرڪت ڪرڻ جي دعوت هئي.
وڏيري جي گھر واريءَ روبينا ۽ شبنم کي سڀني واري
پروگرام ۾ نه صرف شرڪت جي دعوت موڪلي
پر تمام گھڻو زور ڀريائين ته اوهان کي اچڻو ضرور
آهي. روبينا ته اڳ ۾ ئي اهڙن موقعن لاءِ واجھه
وجھائيندي هئي. وري جي وڏيري جي گھر واريءَ
زور ڀريس ته هن جي خوشيءَ جي انتها نه رهي.
روبينا جڏهن وڏيري جي گھر واريءَ کي مبارڪيءَ
جي رقم ڏيندي واڌايون ڏنيون ته هن چيو، ڀاڄائي
اها رقم ته تمام گھٽي آهي، تون مبارڪيءَ طور
ٻارهان روپيا ئي ڏي. پر روبينا زور ڀريندي چيو -
نه - نه - اها ڳالهه غير واجبي ٿيندي. مبارڪيءَ جو
حق ته موٽائيو آهي.

وڏيري جي بيگم صاحبه - مبارڪيءَ جي رقم
قبول ڪندي شبنم طرف نهاريندي چيو "ماشا
الله! نظر نه لڳيس، هيءَ ته اصل چنڊ جو ٽڪرو
آهي. رب رحيم بري نظر کان بچائيس. ٻچڙا ڇا
پڙهين ؟"
شبنم ورائيو - هن سال اسڪول جي پڙهائي
پوري ڪنديس."
وڏيري جي گھر واريءَ چيو - "توکي ڳالهائڻ ته
ايندو هوندو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شبنم وراڻيو نہ آئي. بابا سائينءَ کي مونسڪيءَ سان بلڪل لڳاءُ ڪونهي. بابا جي خواهش آهي تہ مان خوب پڙهان. علم پرائيان, اعليٰ تعليم حاصل ڪيان."
وڏيري جي گهر واري روبينا ۽ شبنم جي گفتگو اڃ پ رهجي وئي جڏهن مهراسٽين سڏ ڳائڻ شروع ڪيا.

سڏن جي شور ڪل پوري ٿيڻ کان پوءِ وڏيري جي گهر واريءَ روبينا کي چيو پاڃاڻي مان اعجاز کي ايندي هوندي کان سڃاڻان. مون ڪيس سڄو پاءُ ڪري پالنيو آهي. اڌي اعجاز جهڙا نيڪ انسان ورلي ملندا. خدا جو خوف ۽ محبت ڪرڻ تہ ڪو ڪانئس سکي.

روبينا چيو - " هاڻي موڪل ڏيو چو جو شبنم جو پيءُ انتظار ڪندو هوندو."

وڏيري جي گهر واريءَ چيو - " مان توهان کي اهترو جلد وڃڻ ٿورئي ڏيندس. اهــڙا موقعا روز ٿورئي ايندا آهن. ماني کائي پوءِ ڀي ويندا."

جڏهن روبينا هميشه مهل ماڙين ۽ امير ٺٺن جا خواب پئي ڏٺا, وڏيري جي گهر واريءَ جـــي زور ڀرڻ تـــي ارادو ترڪ ڪري ڇـــڏيو. دل پ چيائين روبينا اڄ تہ چانديءَ جي وٽن ۽ ٿالهن پ ماني کائي

وٺ. سڄي زندگي تون اهڙيون دعوتون ڪو نه کائي سگهندين.

مانيءَ کائڻ ڪرڻ ڪري ڪافي رات ٿي چڪي هئي. وڏيري جي گهر واريءَ چيو ٻاجهائي مان توکي اڪيلو ڪو نه وڃڻ ڏيندس. توسان جوان ڏيءَ به آهي. وڏيري کي چوان ٿي توهان کي گهر پهچائي اچڻ، جو اوير ٿي چڪي آهي.

روبينا دل ۾ ڏاڍي خوش ٿي. وڏيري جي گهر واريءَ سان موڪلائي خدا حافظ چئي جڏهن هن جيپ ۾ پير پاتو ته هن جو وڏيري علي گوهر سان ٽڪر ٿيو.

وڏيري علي گوهر چيو: معاف ڪندا.

روبينا چيو ڪائي ڳالهه نه آهي.

وڏيري جيپ اسٽارٽ ڪئي. جيئن ته منزل طئه ڪرڻ لائين فاصلو طويل هو ان ڪري روبينا جي من ۾ ويچار آيو ته سفر دوران ڇو نه گفتگوءَ جو سلسلو ڇيڙيو وڃي. ماحول جي خاموشيءَ کي ٽوڙيندي هن چيو – معاف ڪندا اوهان کي ڏاڍي تڪليف ۽ پريشانيءَ ۾ وڌو.

وڏيري علي گوهر ورائيو – نه نه اُن ۾ پريشانيءَ جي ڪهڙي ڳالهه آهي. پنهنجا ڳوٺائي آهيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روابيدا پنهنجي ڌيءُ جو تعارف ڪرائيندي چيو هيءَ منهنجي سڪيلڌي ڌيءُ آهي شبنم. هن سال اسڪول جي تعليم پوري ڪندي. وڏيري مڙي ڪري آداب ڪيو. شبنم تسليم ڇٽي مسڪرائي ڏنو.

وڏيري جي دل ۾ شبنم جي مسڪراهٽ جو نشتر چڀي ويو. چيائون توهان پنهنجي صاحبزاديءَ کي ڪاليج جي تعليم ته ضرور ڏياريندا.

روابيدا وراڻيو ته مشڪل آهي، جو حالات ساٿ نه ٿا ڏين.

وڏيري جي جواب ڏيڻ کان اڳ ئي جيپ منزل تي پهچي وئي. اهو موضوع اڌ ۾ ئي رهجي ويو.

روابيدا اڄ بيحد خوش هئي، جو هوءَ وڏيري جي گهر جي دعوت کائي آئي هئي. نه صرف اهو پر وڏيرو ڪافي مهربان پئي نظر آيو.

روابيدا اعجاز کي چيو- وڏيرو علي گوهر ۽ سندس بيگم صاحبه تمام شاندار ماڻهو آهن. ملنسار ۽ مٺ محبت وارا. اوهان دعوت ۾ شريڪ ٿيڻ ويا هئا ڇا؟ اوهان اتان ماني کائي آيا يا نه؟

اعجاز چيو- ”روابيدا توکي نه ڄاڻ آهي دعوت نه ملي هئي. پر مان اهڙي ماحول ۾ پاڻ کي ٺهڪائي ڪونه سگهان ۽ وري وڏن ماڻهن کان پري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهجي نہ سگهيو.“

هن ٺهه پهه وراڻيو – ”ڪمال آهي ماڻهو اهڙن وڏن ماڻهن سان واقفيت لاءِ ڇا ڇا واجهه وجهندا آهن؟ اوهين آهيو جو جاڻ سڃاڻ کان ڀڄا پري ڀڄو. رڳو پنهنجي ننڍڙي دائري جي ارد گرد ڦيا گهمو. اصل غربت واري ماحول سان نہ لاٺون لڏيو ن اٿو.“

اُن تي اعجاز چيو – روبينا انسان کي هميشه پنهنجي اوقات ۾ رهڻ گهرجي. ٻين جا محل ماڙيون ڏسي پنهنجي جهوپڙي نہ ڊاهجي.

ڪمال آهي. توهان کي ڪا ترقي جي ڳالهه چئجي تہ اوهين نصيحتون ڏيڻ شروع ڪريو. هاڻي ماني ڪري خدا جو نالو وٺي رلي تاڻي سمهي پئو.

اُن ڏهاڙي کان پوءِ روبينا وڏيري جي گهر سان اچ وڃ جو ڪافي سلسلو شروع ڪري ڇڏيو. وڏيري علي گوهر اعجاز جي غير موجودگيءَ ۾ سندس گهر اچڻ جو نيم ٺاهي ڇڏيو. هڪ ڏهاڙي روبينا کي چيائين بهتر ٿيندو اوهين ڳوٺ ڇڏي شهر هلي رهو. اُتي شهر جي ڪاليج جي پڙهائي بہ ٿي ويندي ۽ هن ڳوٺاڻي ماحول کان بہ اوهين ٻاهر نڪرندا. روبينا کي وڏيري جي اها آڇ ڏاڍي سٺي

لڳي. وڏيري جي وڃڻ کان پوءِ هن اعجاز اڳيان اها پيشڪش رکي.

جڏهن ته اعجاز وراڻيو ته اسين ڳوٺ ۾ ئي چڱا آهيون. شهر جي ماحول کان پري رهجي ته سٺو.

اُن تي روبينا چيو- اوهان ته سڄي عمر ڳوٺاڻا جا ڳوٺاڻا رهندءِ.

گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي ڌيءَ جو ته خيال ڪريو. جنهن کي پڙهڻ جو ڏاڍو شوق آهي. اهو ته شهر ۾ ئي پورو ٿي سگهي ٿو.

اعجاز کي پنهنجي ڌيءَ سان بي پناهه محبت هئي. هن شبنم جي آئينده خاطر شهر ۾ هلڻ قبوليو.

وڏيري هنن لاءِ شهر ۾ خوبصورت فليٽ جو بندوبست ڪيو. اعجاز جيڪو پنهنجي محنت مزدوري ۽ ٻانهن تي ڀاڙڻ وارو انسان هو اُن جي ننڊ حرام ٿي وئي. هن کي رات ڏينهن اهو فڪر هو ته پنهنجي محنت مزدوري ڪري پنهنجي سگهه آهر اجهو وٺي ٻارن ٻچن سان گڏ رهي. هن کي وڏيري جي مدد جو هٿ ڪنڊي وانگر چڀڻ لڳو. آخر وڃي هڪ هنڌ ڪيائين. هن کي هڪ ڪارخاني ۾ نوڪري ملي. دعا گهري، چيائين پروردگار تنهنجا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لک لک شڪراني جو ٿو موٽن ٿي ٻاجهه جي نظر وڌي. خوشيءَ وچان گهر اچي روبينا کي ٻڌايائين ۽ پڇيائين - بيگم شبنم ڪٿي آهي؟

شبنم پنهنجي ملهائڻ وئي آهي، بيگم ورائيو.

اعجاز جو چهرو پيلو پئجي ويو. حيرانيءَ وچان پڇيائين - "اڪيلي وئي آهي؟"

ان تي روبينا چيو - اوهين ڳوٺاڻا شهر ۾ رهي به اهي ڳوٺاڻا خيال ڪين مٽيا اٿو.

اعجاز مايوس ۽ غمگين ٿي ويو. هوڏانهن شبنم ۽ سندس ٻيا ساٿي پنهنجي جو مزو ماڻڻ لڳا.

انهن معاشري جي هوا روبينا کي زمين تي پير پائڻ بدران من ۾ آڪاش تي اڏام وارين خواهشون پيدا ڪيون. هن نه اڄ ۾ ٿي محل ماڙين جا خواب پئي ڏٺا. هن اتي وڏيري علي گوهر جي هڪ پٽي دوست سان جاڻ سڃاڻپ وڌائي. شهر ۾ اچي ڪري شبنم علم طرف گهٽ پر هار سينگار طرف وڌيڪ ڌيان ڏيڻ لڳي. مٿان ماءُ جون لڪڙيون وکون وڌائي جديد دور سان قدم ملائي هلڻ وارين نصيحتن نه ڪمس شهه ٿي ڏني چڏي. هوءَ ماءُ جي نقشي قدمن تي هلڻ لڳي. وڪ اڳتي وڌائڻ - وڏيري جي جمپ سندس اردليءَ ۾ لڳل هئي. اعجاز کي اهي ڳالهيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناگوارا لڳڻ لڳيون. روز سوچي اڄ پنهنجي ناراضپي جو اظهار ضرور ڪندو. پر گهر ۾ ڪو نه ڪو اچي نڪاءُ ڪري هن جي ڳالهه اڌوري رهجي وڃي. روبيدا اعجاز کي اشارو ڪرائي ماٺ ڪرائي ڇڏي. گهر ۾ وڏن ماڻهن جي اچ وڃ لڳي پيئي آهي. توهين اُنهن سان سليقي سان پيش اچو. اعجاز جو اُن ماحول ۾ دم گهٽجڻ لڳو. مهمانن جي خاطر تواضع ڪرڻ بدران هو. گهر کان ٻاهر نڪري وڃي. هن کي شهري ماحول گهٽ ٻوسامت وارو محسوس ٿيڻ لڳو. هوُ ڳوٺ جي سادي سودي زندگي ۽ صاف سٿري فضا کي ياد ڪرڻ لڳو.

هڪ ڏهاڙي هوُ جڏهين گهر ۾ داخل ٿيو ته ڏٺائين سندس بيگم صاحبه وڏيري جي نوڪرن کان فرح ۽ عاليشان غاليچو فليٽ ۾ سيٽ ڪرائي رهي هئي. اعجاز ڇيو بيگم هيءَ فرح ۽ هيءَ غاليچو ڪنهن جو آهي. شبنم ورائيو اسان وٽ فرح ڪو نه هو نه، اُنڪري وڏيري جي دوست محمد زمان هيءُ فرح ۽ غاليچو شبنم جي سالگره لاءِ تحفي طور موڪليو آهي. اوهان ته شهر ۾ ٽڪي جي نوڪريءَ ۾ اٿين ڦاسجي ويا جو ڌيءَ جي سالگره ۽ اوهان کي ياد نه هئي.

اعجاز ڇيو- پر ڌارين ماڻهن کان ايڏا قيمتي تحفا

وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت؟

اُن لاءِ روبينا مات ڪرائيندي چيو - تنهان مهرباني ڪري پنهنجا ڪپڙا نه بدلايو - ڏسو ڪيڏا نه سهڻا ٿي ويا اٿو. گهر ۾ وڏا ماڻهو اچڻا آهن. اوهين آهيو جو بيڪار جون ڳالهيون ڪٽـي ويٺا آهيو. جلدي ڪريو دعوت شروع ٿيڻ واري آهي.

اعجاز ناراض ٿيندي چيو ته دعوت توکـي مبارڪ، مان گهر کان ٻاهر ٿو نڪري وڃان. معتبر ماڻهن جي اڳيان تنهنجي عزت نه گهٽ ٿئي.

اُن لاءِ هن چيو - ڪمال ٿا ڪريو هرو ڀرو چئن ڇڳن اڳيان تماشو ڪري پنهنجي ڌيءَ کي طعنو ڏيڻ نه ٻري رهيو پر سندس خوشين ۾ به اٻها آهيو.

اعجاز خاموشيءَ سان گهر کان ٻاهر هليو ويو. شبنم جي سالگرهه تي ڪافي وڏا ماڻهو آيـا هئا. قيمتي تحفن جا ڍيـر لڳي ويـا. روبينا بيحد خوش هئي هن زندگيءَ ۾ جنهن چمڪ دمڪ واري ماحول جي خواهش ڪئي هئي. اڄ اهو ماحول نه صرف هن اکين سان ڏٺو پر خود به ماڻيو.

روبينا پنهنجي لاڏليءَ شبنم جـي ترقيءَ تـي بيحد خوش هئي. شبنم جي مهربانن ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿيڻ لڳو. قيمتي تحفن جا ڍير لڳڻ لڳا. گهر

جو روپ رنگ بدلجي ويو. هوڏانهن اعجاز جو اُن ماحول ۾ دم گهٽجڻ لڳو. هن کي پنهنجي زال جي خواهشن کان خوف ٿيڻ لڳو. هن جو ڌيءَ ۾ موهه هو. هو نه اُن ڏهاڙي کي کوسڻ لڳو جڏهن ڏهاڙي هن ٻوٽ ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو. هو پنهنجي ماضيءَ کي ياد ڪري تڙپي اٿيو. ٻوٽ جو پُر سڪون ماحول ننڍڙو گهر هن جي اکين آڏو ڦري آيو.

روبينا جيڪي خواب ڏٺا سي هن جا شهر ۾ اچي پورا ٿيا. جڏهن ڪجهه به نه ڏٺو هو اُن جي زندگي رنگينين سان ڀرجي وئي. پنهنجي ڌيءَ کي به نصيحتون ڏيڻ لڳي ته اڄ پئسي جو وڏو مان آهي. شبنم هيءَ ٿي مختصر وقت الهئي تون اُن جو فائدو وٺي پنهنجو آئيندو روشن بڻائي سگهين ٿي. اڄ جو حال سڀاڻي تنهنجو ماضي بڻجندو.

ٻنهي ماءُ ڌيئرن تي ڌن دولت عيش ۽ عشرت جو خوفناڪ ڀوت سوار ٿي ويو.

هڪ رات اعجاز جڏهن گهر دير سان موٽيو ته هن جي نگاهه روبينا جي جهومڪن ۽ هار تي پئي. هن پڇيو- ”هي جهومڪ ۽ هار......“

وچ ۾ ئي هن کي ڪاٽيندي روبينا چيو- ” نقلي نه آهي پر هيرن جو آهي. توهان کي نه ڳڻين ٿي

ڪونه ايندو نه ڪو هيرن جو هار آهي.“

”هيءَ تو ڪٿان آندا؟“ اعجاز پڇيو.

روبينا وراڻيو- ”وڏيري علي گوهر جي دوست محمد زمان مونکي تحفي طور ڏنا آهن.“

اعجاز چيو- ”شبنم ڪٿي آهي؟“

”گهمڻ وئي آهي.“ روبينا وراڻيو.

اعجاز حيرانيءَ مان چيو- ”رات جو گهمڻ وئي آهي، توهان کي ڪهڙي خبر نه اڄ ڪلهه جي دعوت آهي. توهين روز رات جو دير سان اچو. اوهانکي پنهنجي ڏيءَ سان ڳالهائڻ جي فرصت تو روئي آئو، جن سان وئي آهي اُهي پاڻ ئي ڇڏي وينديس، اوهانکي وڃڻ جي ضرورت ڪانه پوندي.

اعجاز لئي لوهه تپي ويو. ڪاوڙ ۾ چيائين ته ”اسين سياڻي ئي ڪوٺ روانا ٿيندا آهيون. مان انهن قيمتي تحفن کي باهه لڳائي ڇڏيندس. مون گهٽو ئي برداشت ڪيو آهي.“

روبينا چيو، ”توهان جو دماغ ٺڪاڻي ڪونه آهي، هاڻي وڃي آرام ڪريو.“

جڏهن جي جوان ڌيءَ اڌ رات ٽائين گهر کان باهر هجي اُن جو دماغ ڪيئن تو ٺڪاڻي تي سگهي. اعجاز جي دل هن تي اوڙي پاڙي جا ماڻهو گڏ

ڏي ويا. اعجاز سيٺ کي پنهنجي گهر ڏي وڃڻ
لاءِ چيو - ۽ در بند ڪري ڇڏيائين. اُن ڪان پوءِ
ٻنهي ۾ ڪافي وقت تائين تڪرار رڙ واڪو
جاري رهيو.

ٻئي ڏهاڙي اوڙي پاڙي وارا اعجاز کي ڌڪارڻ
لڳا. خوني ڌراڙو ۽ وحشي چوڻ لڳا. اعجاز پنهنجي
زال ۽ ڌيءَ جو خون ڪري ڇڏيو. اعجاز کي گرفتار
ڪيو ويو. هر ڪنهن هن جي خلاف بيان ڏنو، هن
جي ملامت ڪندي چيو رات پنهنجي گهر واريءَ
سان وڙهي رهيو هو. هيءُ شخص پاڳل آهي،
وحشي آهي.

اعجاز کي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ۽ پنهنجي طرفان
بيان ڏيڻ لاءِ چيو ويو.

مائي لارڊ، اُن رات جڏهن مان گهر موٽيس ته
مون ڏٺو ته منهنجي گهر واري قيمتي هيرن جواهرن
جي زيورن سان جڙاءُل هئي، منهنجي ڌيءَ اُنهن
هيرن جواهرن جي قيمت ادا ڪرڻ لاءِ هيرن جواهرن
جي زيورن واري مالڪ وٽ وئي هئي. جيڪي هيرا
اُن شخص منهنجي گهر واريءَ کي تحفي طور ڏنا هئا.
مائي لارڊ، واقعي مان انسان نه حيوان آهيان. مان
وحشي آهيان، مون پنهنجي معصوم ڌيءَ جو خون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو. اڄ کان 20 سال اڳ جي ڳالهه آهي جڏهن ڳوٺ مٿان ٻوڏ جو قدرتي قهر نازل ٿيو. مان ننڍڙو هوس، امڙ، مال ملڪيت سڀ ٻوڏ جي چپيٽ ۾ وڃائي ويٺس. مان يتيم ٻچي ويس. ان وقت مون هڪ ابهم ٻار کي روئندي ڏٺو جيڪو معصوم قدرتي قهر ڪري سڀ ڪجهه وڃائي ويٺو هو. ٻار کي روئندو ڏسي، مون اڳتي وڌي ان کي هنج ۾ کنيو. ان ٻاراڻيءَ جي پرسان هڪ عورت بيهوشيءَ جي عالم ۾ پئي هئي. مون ان عورت ۽ معصوم ننڍڙيءَ کي پناهه ڏني. مون مصيبت جي ماريل ۽ زندگيءَ کان مايوس ٿيل انسان جيئڻ جي تمنا ڇڏي ڏني هئي. پر ان معصوم ننڍڙيءَ ۽ لاچار عورت کي سهاري ڏيڻ لاءِ مون جيئڻ جو ارادو ڪيو. اها معصوم ننڍڙي يتيم هئي ۽ وقت ۽ قدرتي قهر جي چپيٽ ۾ آيل مظلوم عورت روبيدا. معصوم يتيم تي مونکي رحم آيو. ان ننڍڙيءَ ۽ سندس ماءُ کي پناهه ڏيئي زندگي جيئڻ جو فيصلو ڪيو. مون يتيم کي سڳيءَ ڌيءُ کان وڌيڪ پيار ڏنو. روبينا ڪا حسين دوشيزه ڪانه هئي، نه وري ڪو مان حسن جو پوڄاري. مون ان مظلوم بي سهارا عورت تي رحم کائي ان کي سهارو ڏنو. مان خود قسمت جو

ماريل هوس. پر هن عورت منهنجي ايڪ ليٽيءَ ۾
رحم دليءَ جو ناجائز فائدو ورتو. هن جون خواهشون
ڏينهون ڏينهن وڌڻ لڳيون. دولت ۽ عيش عشرت
جي نشي ان عورت جي اکين تي الله جا پڙدا چاڙهي
ڇڏيا. شبنم جوانيءَ جي ڏاڪي تي هئي، هن جا
قدم ڏگمگائجي ويا. جا انڌيري کاهيءَ ۾ وڃي
ڪري. ان رات جڏهن شبنم جوانيءَ جي خمار مان
سجاڳ ٿي ته هوءَ ناجائز ٻار جي ماءُ بڻجي چڪي
هئي. ان رات هن محسوس ڪيو ته هن کي عيش ۽
عشرت جي ڪيڏي قيمت ادا ڪرڻي پئي. شبنم
آپگهات ڪيو. هن پاڻ کي ڪمري ۾ بند ڪري
ڇڏيو. جڏهن مون پنهنجي پياري ڌيءُ جو لاش
ڪمري ۾ لٽڪندو ڏٺو ته مون ان خطرناڪ عورت
کي قتل ڪري ڇڏيو. جنهن طرفان غمراه ڪن راهه
ڏيکارڻ تي زندگيءَ جي داءُ پيچن کان اڻڄاڻ معصوم
شبنم زندگيءَ جو انت آندو. جنهن عورت کي مون
مظلوم ڄاڻي پناهه ڏني اها عورت مظلوم نه پر
ڏائڻ هئي. جنهن پنهنجي ڌيءُ کي ئي ڏنگي ڇڏيو.
مون سان وشواس گهات ڪيو. اگر مان ان عورت
جي چوڻ تي خاموش نه رهان ها اڄ معصوم شبنم جي
جان نه وڃي ها. عورت جي اي حرڪتيءَ لاءِ مرد نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ اهڙين عورتن خود جوابدار آهن. اهڙين مائرن کي زندهہ رهڻ جو ڪو حق نہ آهي. اڄ مان بيحد خوش آهيان. مون روبينا جو قتل ڪري ثواب جو ڪم ڪيو آهي. مون ناگڻ کي ختم ڪري ڇڏيو، جيئن اها سماج ۾ ٻئي ڪنهن کي نہ ڏنگي.

مان قاسم جي قيدي کي خوشي سان ڳلي لڳائيندي سماج کان اهو سوال ضرور ڪندس تہ ”وحشي ڪير“ آهي؟ هن جي اکين مان لڙڪ لڙي آيا. اعجاز جا لفظ ”وحشي ڪير“ ”وحشي ڪير“ پڙاڏو ٿي گونجڻ لڳا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِٽس ٽُو ليٽ

جاويد کي پنهنجي امڙ ۽ ان جي ڏاڍي مٺي لوليءَ واري ٻوليءَ سان بي انتها پيار هو. هن جي دنيا انهن ٻن وسيع ساگرن ۾ سمايل هئي. جاويد پڙهڻ ۾ اهڙو هوشيار هو. هن کي امتحانن ۾ سٺيون مارڪون ملڻ ڪري اعليٰ تعليم لاءِ ولايت ۾ پڙهڻ لاءِ اسڪالرشپ جي آڇ ملي. جڏهن هن اها خوشخبري پنهنجي ماءُ کي ٻڌائي ته سندس اکيون اداس ٿي ويون. پر پٽ جي آئينده جو سوچي خاموش ٿي وئي. هن جي من ۾ پٽ لاءِ ڪئي آشائون هيون. جاويد جي شادي ٿيندي، اڱڻ ۾ گل ٽڙندا. جاويد جي اولاد کي مٺڙي لولي ڏيئي سمهاريندس. منهنجو ماضي موٽي ايندو. اميڙو جاويد مٺيون لائيون لوندو. جاويد جي ماءُ ڳوٺاڻي هئي. هوءَ ڏيهن سان گڏ رهندي هئي. جاويد اميڙو ٿي هو جو سندس پيءُ گذاري ويو. پٽ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيو موهه هوس. سڪيلڌو اولاد. معنا جي سنڌي
تي ٻچڙ رکي هن پنهنجي نور چشم کي ولايت موڪليو.
پر مالڪ کي ته ڪجهه ٻيو ئي منظور هو. اوچتو
هوءَ گذاري وئي. جاويد کي جڏهن خبر پئي ته
هن کي ڏاڍو صدمو رسيو. هو جڏهن وطن وريو ته
ڳوٺ ۾ سڀ ڪجهه بدلجي چڪو هو. هن جي ڪنن
۾ پنهنجي جيجل جا لفظ ٻرڻ لڳا. پنهنجي مٺڙي
ٻوليءَ وارا پيارا پيارا لفظ. گهر جون خاموش ديوارون
ٻار ٻار هن کان سوال ڪري رهيون هيون. جاويد
”هن ويران اڱڻ ۾ ڪڏهن گل ٽڙندو.“ ماءُ جون
پيار ڀريون اکيون اڌوري گهر ۾ ڄڻ ڏيئي واڪر
ٿر ٿماڻي رهيون هجن.

جاويد ڳوٺ مان واپس وري ولايت ۾ پنهنجي
پڙهائيءَ ۾ اڳي کان وڌيڪ مشغول ٿي ويو. هن جي
دنيا صرف ڪتابن تائين محدود هئي. جاويد شاديءَ
ڪرڻ جو ارادو ئي ترڪ ڪري ڇڏيو. وري ڳوٺ ۾
ماءُ جي گذاري وڃڻ کان پوءِ سندس گهر آباد ڪرڻ
لاءِ ڪنهن کي اولو ڪونه هو. سندس ڪو هڏ ڏوکي
ڪين رهيو. صرف پڙهڻ ڪاڻ ۽ ولائتي مال جون
فرمائشون. ائين ڪئي سال گذري ويا. هڪ ڏهاڙي
هن جي ملاقات ماريا (Maria) سان ٿي. ماريا تمام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذهين، هوشيار ۽ محنتي ڇوڪري هئي. هن جي علمي ۽ ادبي ويچارن جي هم خيالي. جاويد ۽ ماريا کي هڪ ٻئي جي قريب آڻي ڇڏيو. ماريا رنگ، نسل پرستي ۽ مذهبي تنگ نظريءَ واري ماحول کان آزاد خيال رکندڙ عيسائي ڇوڪري هئي. علم ادب ۽ انسانيت جي قائل وقت ۽ حالت هنن کي قريب آندو. هنن زندگي نڀائڻ جو فيصلو ڪيو. هنن هڪ ٻئي سان بيحد پيار ڪندا هئا. جاويد ۽ ماريا کي مذهبي رشتن رسمن جي پابندين ۾ ڪين جڪڙيو.

زندگيءَ جي اُن سفر دوران هنن جي من ۾ ڪئي خواهشون ۽ اُميدون جاڳيون. ماريا جي من ۾ ماءُ بڻجڻ واري جذبي ۽ تمنا جي انگڙائي اُڀري. هن جاويد اڳيان پنهنجي جذبن جو اظهار ڪندي چيو- ”جاويد هن گهر ۾ معصوم مرڪ جي ڪمي آهي.“

اُن وقت جاويد کي ماءُ جا لفظ ياد آيا. هن جي ڪنن ۾ سندس ماءُ جا لفظ پڙاڏو بڻجي گونجڻ لڳا - ”جاويد جي شادي ٿيندي، اڱڻ ۾ گل ٽڙندا. سندس اولاد کي مٺڙي لولي ڏيئي سمهاريندس، منهنجو ماضي موٽي ايندو، پوڙهي وڏڙي ٿيندي، ننڍڙو جاويد مٺون لاڏون لوندو. اڱڻ ۾ گل ٽڙندا........ ماضي

موٽي ايندو.........پيڙهي وڌندي .... اڳتي ۾ ڳالهه ٽوڙيندا. ....“

ماريا جاويد کي خيالن ۾ گم ڏسي چيو – ”جاويد! تون ڪهڙن خيالن ۾ گم آهين.“

جاويد ماريا ڏي نهاريندي چيو، ”ماريا منهنجي ماءُ جي به اها ئي خواهش هئي. هوءَ اها تمنا دل ئي دل ۾ ساندي هن جهان مان هلي وئي. مان هن جي خواهش پوري نه ڪري سگهيس. منهنجي به اها ئي آرزو آهي.

اسين مشيني زندگي ۾ ايترو ته ڪوهجي وياسين جو اسان کي پنهنجي آئينده سوچڻ جو وقت ئي ڪونه ملندو. ماري مان پنهنجي اولاد کي امڙ جي مٺڙي لوليءَ واري سنڌي ٻولي سيکاريندس.

ماريا ٽهڪ ڏيندي چيو، ”يورپ ۾ رهندي به تون پنهنجي ٻولي سيکارڻ ۾ وقت وڃائيندين، جنهن ۾ نه ڪا ايجاد، نه ڪا ٽيڪنيڪات ۽ نه سائنسي دور طرف وک وڌائڻ جي سگهه.“

جاويد ڪاوڙ ۾ چيو – ”ماريا توکي خبر آهي تون ڇا پئي ڳالهائين. اسان جي قديم سڀيتا آهي.“

تون نه رڳو پنهنجي ماضيءَ کي ڪٽيو ويٺو آهين. حال سان قدم ملائي هلڻ نه اوهين سنڌي سکيا ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوله آهيو.

جاويد ڪاوڙجي چيو، ”ماريا، مون ڪڏهن به نه ٿو ٿي پنهنجون ويڙهون رسمون ۽ مذهبي پابنديون عائد ڪيون ڪيون آهن پر مذهبي اولاد.......“

ماريـــا هن کي وچ ۾ ٽـي ڪانيـدي چيو، ”مون به ڪڏهن رنگ ۽ نسل جـــي Superiority ڪانه ڏيکاري آهي. اِن جو مطلب اهو نه آهي ته مان پنهنجي اولاد کي اُن طرف ڌڪيان جتان....“

جاويد وڙ ڪري چيو- ”خاموش ....“

پنهجي ۾ ڪافي دير بحث ٿيو ۽ ٻنـــي پنهنجن پنهنجن ڪمن لاءِ روانا ٿي ويا.

ڪئين ڀيرا پنهجي جو اُن ڳـالهه تي تڪرار ٿيو. نيٺ هڪ ڏهاڙي جاويد ماريا کي چيو، ”ماريا، اهو منهنجو آخري فيصلو آهـــي ته جيستائين منهنجي پوليءَ ۾ منهنجي اولاد جـــي پرورش نه ٿيندي تيستائين هن گهر ۾ معصوم مـرڪ جـو وجـود نه ٿيندو.“

ماريا چيو، ”جاويد تنهنجو اهو آخري فيصلو آهي؟“

جاويد وراڻيو- ”ها“.

ماريا ڪاوڙ مـــان چيو - ”جاويد تون به ڪن

کولي ٻڌي وٺ، تنهنجي اها خواهش اڌوري ٿـي رهندي، تون آزاد آهين.“

ڪئين پيرا جاويد کي خيال آيو وقت ۽ حالات سان قدم ملائي پر پنهنجي اولاد جي جذبي ۽ احساس جي شدت هن جي خواهش کي دٻائي ڇڏيو. پر ٻنهي جو ٽڪراءُ ۽ عجيب الفت پيدا ٿئي هڪ ٻئي لاءِ وڌيڪ مدار رکڻ لڳا.

اڄ جڏهن زندگيءَ جو ڳچ حصو گذري ويو. اڄ سندن شادي جي 25 پنجويهين سالگره هئي. جاويد پنهنجي ڳوٺاڻين کي هن دعوت لاءِ گهر گهرايو. انهن جون زالون ۽ ٻار، گوڙ، ٽهڪ، ٻارن جي شرارت، پيچ ڊاهه.... دعوت پوري ٿيڻ کان پوءِ ماريا گهر کي ٺيڪ ٺاڪ ڪرڻ شروع ڪيو. جاويد چيو- ماريا اڄ تون مون لـي بيحد نـاراض هوندينءَ. مون پنهنجي ڳوٺ وارن کي گهرايو. انهن جي ٻارن گهر کي اصل ڊانوا ڊول ڪري ڇڏيو. تمام شرارتي ٻار هئا.

ماريا جاويد جي قريب ايندي چيو، ”نـاراض! نـاراض نه بلڪ خوش آهيان، بيحد خـوش آهيان. جاويد جي ڪلهي تي ٻانهن وجهندي رکندي هن چيو- جاويد ٻار ڏاڍا پيارا پيا لڳن. جاويد مون کي پنهنجو اولاد کپي.“

جاويد چيو، "ٻـُـر مـاريا .... " هـٿـن وچ ۾
ڪانپندي چيو Javeed I love you, I love your language :

جاويد ماريا کي پنهنجي ٻانهن جي گهيري ۾
آٽڪندي چيو - Maria I too love your language.
اسين ٻئي ٻوليون اپنائي سکڻ پيا پر هاڻي اسين
زندگيءَ جي ان موڙ تي پهچي چڪا آهيون جو.......
ماريا جي ڳلن تي ڳوڙهن جون لڙيون لڙي آيون.
جاويد رومال سان ڳوڙها اگهندي چيو: Mari its too late

ماريا جاويد جي لبن تي پنهنجو هٿ رکي ڇڏيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اصول پنهنجا پنهنجا

ودياڌر پوري رات ننڊ لئي پاسا ورائيندي گذاري. سندس گهرواريءَ گهڻي ئي دلداري ڏني پر هن جي پريشانيءَ ۾ ڪائي ڪمي نه آئي. هن کي ته سج جي ڀِرڻ ٻاک جو انتظار هو.

جيئن ئي پرهه ڦٽي هن پٽ جي ڪمري جو در کڙڪايو، وشال اکيون مهٽيندي در کوليو. پيءُ کي اڳيان ڏسي حيران ٿي ويو. وشال ڏي گهوريندي هن چيو - ”تون منهن ڌوئي يڪدم مون سان هيٺ ڊرائنگ روم ۾ اچي مل.“ وشال جي سالن ۾ هيءُ پهريون ڀيرو هو جو سندس پيءُ ڪمري ۾ آيو هو. هن جي پيءُ کي نه سماجي، ادبي ۽ علمي ڪمن مان ئي فرصت نه ملندي هئي. ڪڏهن ملڪ کان ٻاهر پيو ته ڪڏهن ملڪ جي ڪهڙي علائقي ۾ ته ڪڏهن ڪهڙيءَ ڪنڊ ۾. ائين ته وشال ماءُ پيءُ جو لاڏلو پٽ هو. پر هو صرف ماءُ جو ئي لاڏلو هو، جو سندس پيءُ کي فرصت ئي ڪانه ملندي هئي. ودياڌر هڪ رواجي مڙسيءَ جو پٽ هو. جيتري قدر علم حاصل ڪرڻ جو سوال هو ان لحاظ کان آڳرين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي ڳڻ جيترا ڳاڻ ڳڻيا درجا پڙهيو هو. پر هن اڳيان پڙهيل لکيل به پاڻي ڀريندا هئا. هو "حرفن مولا" هو. هتان هتان جون ڳالهيون پڙهي پڌي سوڌي قلم بند ڪري ۽ وري ڪٿي چٽ نه ڪٿي گروهه بندي، ڪٿي ميڙ منٿ، نه ڪٿي سودو، نه ڪٿي ٻلڪ ميل جو فن استعمال ڪري حرفت سان پاڻ کي ادب نواز جو تاج پهرائي "سرتاج" بڻيو. گڏو گڏ هن اخبار ڪڍڻ به شروع ڪئي. هن جي اخبار جو ڪالم "سچ جي راهه" مقبوليت جي بلندين کي ڇهيو. هن جي قلم مان "سچ جي راهه" جو اظهار ناحق جهڙو لباس اوڍي ايمانداري ۽ نيڪيءَ جي لاڄ ۽ حياداريءَ کي چاڪ چاڪ ڪندو ڇڻن ڇڳن جي پڳه لاهيندو رهيو. ان سچ ۽ ڪوڙ جي ويڙهه ۾ سچ دم ٽوڙيو ۽ لٽن ڦٽن جي پيڪهي متي ۾ سندمان انعام ۽ اعزاز وڪامڻ لڳا ۽ وديادر سرتاج "وديا" پرائڻ بدا راجا پوڄ جو تاج پهريو.

جمر نه آهي اعزازن، انعامن، خطابن هن کي گهيري ورتو پيا انهن کي پنهنجي گهيري ۾ آندو. بس پوءِ نه هن کان چڱن ڀلا ڪو ڪاڻ لڳا. جو "جي درياهه ۾ رهڻو آهي ته واڳوءَ سان دشمني پراڻ سياڻن جو ڪم نه آهي." پر اڄ سندس نالو پٽ و شال ڪري "اڙي ڪٽري" جي زبان تي هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ودياڌر سرتاج ٻرانڊگ، روم جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ ۾ اٿي گهمي رهيو هو جو "شيشن ٻيلي ۾ قاتل هجي." جڏهن وشال جي قدمن جي آهٽ ٿي ته هن ايڪائل شيشن والگر گجگوڙ ڪندي چيو- "وشال تو خاندان جي عزت مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏي آهي."

"ٻابا مون اهڙي ڪهڙي ڳالهه ڪئي آهي؟"

هن ڪاوڙجي چيو- "اڃا پڇين ٿو ڪهڙي ڳالهه ڪئي اٿيئي؟ نالائق شرافت جي چادر اورانگهي ذلت جي زندگيءَ طرف قدم وڌائڻ کان پوءِ به پڇين ٿو ڪهڙي ڳالهه آهي؟ ڪير آهي؟"

وشال چيو- "ٻابا اوهين ڪنهن جو ذڪر ڪري رهيا آهيو؟"

"مان پڇان ٿو ڪير آهي؟"

وشال وري چيو- "ٻابا توهين ڪهڙي؛ ڪنهن جي ڳالهه ڪري رهيا آهيو. زندگيءَ جي موڙ تي ڪير نه آهي مون سان ڪيترا مليا هوندا. اوهان کي ڪنهن ڪنهن جو نالو ٻڌايان؛ وري توهان وٽ ايترو وقت ئي ڪٿي آهي."

ودياڌر طنزيه انداز ۾ چيو- "مان ان اندر سڀا جي اپسرا جو ذڪر ڪري رهيو آهيان، جنهن سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽو ٻريت جو پيچ ٻالو آهي .

”منهنجي زندگيءَ جي هم سفر جو نالو آهي ، مايا“ وشال ورائيو .

” تنهنجي زندگيءَ جي هم سفر يا واٽ تي راهگيرن جي لتاڙ جتي .“

وشال جو چهرو ڪاوڙ ۾ سرخ ٿي ويو ۽ چيائين- ”ڊيڊي توهان پنهنجي خاندان جي عزت لاءِ ڪهڙا لفظ استعمال ڪري رهيا آهيو .“

وڏيادر گجگوڙ ڪندي چيو- ” نالائق تون هن ڪي خاندان جي عزت چٽي رهيو آهين .“

وشال چيو- ” ڊيڊي مون فيصلو ڪري ڇڏيو آهي، مايا توهان جي خاندان جي عزت آهي. توهان جي ننهن ٿيڻ واري آهي .“

هن ورائيو- ” تنهنجي فيصلي ڪرڻ نه ڪرڻ سان ڇا ورندو . منهنجو فيصلو ٻڌي ڇڏ ، هر ڪنهن جا پنهنجا پنهنجا اصول ٿيندا آهن. تنهنجي جذباتي ٿيڻ سان مان پنهنجا اصول ڪونه بدليندس . “

ان تي وشال ورائيو- ”ڊيڊي هي نه، منهنجو آخري فيصلو آهي ۽ وري منهنجو نالو آهي وشال جنهن جي شروعات انگريزي لفظ ”V“ (وي) سان ٿيندي آهي يعني “V Stands for Victory.”

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ودياڌر چيو- "وشال تون به اڄي وٽ منهنجو
مالو به ودياڌر آهي ۽ "V" سان ئي شروع ٿيندو
آهي. ۽ خاص آهي "سرتاج" يعني Victory جو
"سرتاج" ڪٿي زندگيءَ ...."

وشال وچ ۾ ئي ڪٽيندي چيو- "ڏيڏي تون مايا
سان زندگي ڀر جو واعدو ڪيو آهي ان ۾ مايا جو
ڪو ڏوهه ڪونه آهي، ڪنهن خاندان ۾ جنم وٺڻ
سان ...."

ودياڌر وچ ۾ ئي جملو ڪٽيندي چيو- "بس بند
ڪر هاڻي اها بڪواس."

وشال ورائيو- "ڏيڏي توهان جنهن کي بڪواس
چئي رهيا آهيو، اهو اٽل ارادو آهي. مايا جي ماءُ
کي سماج جي حالتن ان او نداهي طرف ڌڪيو. مان
مايا جي ماضيءَ کي ميساري ڇڏيندس. مايا منهنجو
حال آهي ۽ جيڪو حال منهنجو روشن مستقبل ٺاهيندو.
هيءَ اي تصور آهي. پتر دل سان هن جي ماضيءَ
جي حقيقت کي ڄاڻي ترقي آڻيندي."

ودياڌر وشال کي گهوريندي چيو- "وشال تون
مايا جي مهاڄار ۾ قاتل آهين، عشق جي انڌي
گهوڙي تي سوار."

"اوهين ڪجهه به سمجهو اهو منهنجو آخري فيصلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي." هو اهي لفظ چوندو ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو.

ودياڌر سوچيو ته وقت گذرڻ سان وشال جو غصو لهي ويندو. پر نه .... هن گهڻائي حيلا هلايا، ڏاڍو پچاريو ۽ ڏمڪايو پر هن تي ڪو اثر ڪو نه ٿيو. مجبور ٿي هن مايا کي پاڻ وٽ گهرايو. مايا کي وشال جي زندگيءَ مان نڪري وڃڻ لاءِ چيو. مايا پنهنجي ماضي ۽ حالات کان مجبور وقت جي ستم ڏٺي ۽ سماج جي نفرت کان واقف ڪرائيندي آزيون نيزاريون ڪيون ته هن تي رحم کائي معاف ڪيو وڃي. جو سندس ماءُ کي زماني جي گردش اونداهيءَ ۾ ڌڪي ڇڏيو. هوءَ ماضيءَ جي ان "ڌٻڻ" مان ٻاهر نڪرڻ ٿي چاهي. پر پٿر دل ودياڌر تي ڪوبه اثر ڪو نه ٿيو. الٽو هن کي ذليل ڪيو. "لعنت آهي ان عورت تي جنهن توکي جنم ڏنو. جنهن سماج ۾ هڪ ٻي ونشيا پيدا ڪري ناسور وڌايو آهي. اسان عزت دارن جا ڪي پنهنجا اصول ٿيندا آهن."

"مظلوم مايا جي اندر جي عورت ودياڌر جي "ونشيا" لفظ جي ذليل ڏنڀ تي ڪاليءَ جو روپ ڌاريو. هن جي اکين مان الا (شعلا) نڪري رهيا هئا. "ناسور" - اهو "ناسور" ته توهان جهڙن عظيم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شخصيتن جي روپ ۾ ”وحشين“ وڌيو آهي. توهان جي چاهه مڃ مان سنمان اعزاز اڪرام نه ملي سگهندو ....

”خاموش ٿي حياءَ.“ وڏيرو اٿر ڪندي چيو - ”هڪ ته ٻه ڀراون پٽن کي ولو ڦاسائيندا آهن ۽ ٻيو وري مٿان واعظ ڪري رهي آهين. پنهنجي زبان کي لغام ڏي. منهنجو سماج ۾ عزت جو درجو آهي. تو جهڙين بازاري عورتن سان ڳالهائڻ به انڪار چاهيندس.“

مايا ورائيو- ”مون کان وڌيڪ ذليل ۽ ڪريل اوهين ”ڀاروڙي“ آهيو. منهنجي ماءُ ته پنهنجي وجود جو پورهيو ڪاڏو ۽ هر توهان تهذيب، ٻولي ۽ ادب ۽ سماج جي ٺاهي ٿي پوري، انسان ذات جي عصمت فروشي ڪري رهيا آهيو. هن عورت مجبوري ۽ مظلوميت جو شڪار ٿي پنهنجو استعمال (شوشڻ) ڪيو، پر توهان سوچي سمجهي انسان ذات جو استعمال (شوشڻ) ڪري ڪاٿو ٿا. توهان ته اڻ واقعيا ڪان به ڪريل آهيو، جا صرف پنهنجي جسم جو استعمال (شوشڻ) ٿي ڪري پر توهان جهڙن ضمير فروش ڪريل آدرشن وارن کان ته ان مظلوم عورت جا آدرش ۽ اصول به عظيم آهن. اوهان جا اصول آهن بلئڪ ميل ڪرڻ. مظلوم عورتن کي عصمت فروشيءَ جي ڏي ٻڻ ۾ ڌڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سماجي برائين جي ناسور ۾ اضافو ڪري ٿو. جناب وڏياڏر سرڪار اوهانکي ٻڌائي ڇڏيائين، هر ڪنهن جا پنهنجا پنهنجا اصول ٿيندا آهن. ۽ مان به پنهنجي اصول تي قائم رهندس.“ اهو چئي مايا ڪمري کان ٻاهر نڪري وئي.

وڏياڏر جو پورو جسم ايمان جي جوالا ۾ ٻرڻ لڳو. اڄ ڏينهن تائين هن جي آدرشن ۽ اصولن کي ڪنهن به نڪارڻ جي جرئت ڪانه ڪئي. جڏهن عورت کي هن سماج لاءِ ناسور بيان ڪيو، ان هن کي ناسور ڏيئي ڇڏيو. ۽ هن دل ۾ پڪو پڪايو ”مايا“ مايا نه رهندي. ڪجهه عرصي کان پوءِ اخبارن ۾ خبر ڇپي مايا جو لاش نديءَ مان لڌو ويو. اخبارن ۾ آپگهات جون الڳ الڳ ڪهاڻيون ڇپجڻ لڳيون.

اڄ وڏياڏر جي هٿ ۾ اخبار چهري تي فخر ۽ مرڪ هئي. وشال پنهنجي پيءُ جي اکين ۾ اکيون وجهندي چيو ”ڊيڊي توهان ائين ڇو ڪيو؟“

ان تي وڏياڏر چيو، ”وشال مون توکي چيو ڪين هو هر ڪنهن جا پنهنجا اصول ٿيندا آهن.“

ان تي وشال چيو، ”ڊيڊي مان به اوهانکي چيو هو مان به پنهنجي اصول تي قائم رهندس. مايا سان ميلاپ ۽ وشال نالي جي شروعات، ’V‘ سان ٿئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لي "V Stands for Victory." انهن چئي وشال پنهنجي لوڏڏڙيءَ لي پستول جو گهوڙو دٻائي ڇڏيو. وڏيرو رڙ ڪندي چيو "وشال پٽ هي تو ڇا ڪيو؟"

وشال جي زبان مان نڪتو - Victory جي سرلاج وڏيرو ڪٽيو ۽ اکيون ٻوٽي ڇڏيون. □

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويرنا

اڄ اُن کي پندرهن ڏهاڙن کان به مٿي عرصو ٿي ويو آهي پر ويرنا پنهنجي ڳالهه تي اڙيل رهي. ماءُ پيءُ پنهنجي سڪيلڌي ڌيءَ کي سمجهائي سمجهائي ٿڪجي پيا. پر هوءَ پنهنجي ارادي تي اٽل رهي. هن جي زبان تي صرف مهراڻ جو نالو هو. ٻئي طرف مهراڻ نالي تي ئي گهر ۾ سڀني کي نفرت هئي پر ويرنا لاءِ مهراڻ ئي هن جي زندگي هو. ويرنا جا مائٽ مهراڻ کي انتها پسند ۽ دهشت گرد گروهه جو فرد قرار ڏيندا هئا. قوم پرست بدران خطرناڪ انسان قرار ڏيندا هئا. ويرنا کي انهن جي نادانيءَ تي نه صرف حيراني پر نفرت ٿيندي هئي. جو مهراڻ ته پنهنجي جيجل لاءِ جان جي بازي لڳائي رهيو هو جيڪا ڌارين جي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هئي. جڏهن جيجل ڌارين جي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هجي ته پوءِ اُن جا سپوت ڪيئن سک جو ساهه کڻندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهراڻ نہ اهڙ جي آزاديءَ سان لاڻ لهڻ جو عهد ڪيو هو. ويترا ۽ مهراڻ ٻئي گڏ پڙهندا هئا. ويترا جي پڙهائي پوري ڪرڻ کان پوءِ سندس مائٽن پنهنجي سڪيلڌيءَ جو گهر آباد ڪرڻ جو سوچيو هو. مائٽن جي من ۾ پنهنجي اولاد لاءِ ڪئين آسون اُميدون وهن ٿيون. پر هن جي نگاهہ ۾ ويترا پنهنجي گهر آباد ڪرڻ بدران بربادي‌ءَ جي پاڙوڙي پٽڻ لئي عاشيانو اڏي رهي هئي. سندس مائٽ ويترا جو رشتو نفيس سان ڪرڻ پيا چاهين، جيڪو نہ صرف پڙهيل لکيل پر پنهنجي پيءُ ۽ چاچن جي مال ملڪيت جو اڪيلو وارث هو. جنهن سان لائون لهڻ لئي ويترا جي اڳيان نہ صرف زر زيورن جا ڍير پر سيوا لاءِ ٻانهن جون قطارون لڳي وڃن ها. نفيس کي لاڏ ڪوڏ ۽ نزاڪت سان پاليو ويو هو. نفيس نہ صرف نالي ۾ نفيس هو پر دل جو بہ نفيس ۽ نازڪ هو. هن کي جيجل جو راڄن ۾ جهڳڙن رهڻ سان ڪو لڳ لاڳاپو نہ هو. اُلٽو سندس حفاظت لاءِ هن جي چارون طرف هٿياربند Body guard موجود رهندا هئا. زندگيءَ جي هر ڪا تفريح ۽ آرائش هن لاءِ ميسر هئي. ويترا جي ماءُ پيءُ جي دل نفيس جي ڌن دولت ۾ اٽڪي پئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. هو پنهنجي ڌيءَ لاءِ خواب ڏسڻ لڳا ۽ انهيءَ جي ۽ ونيتا کي پنهنجي زندگيءَ جي همسفر بڻائڻ جي دلي خواهش هئي. پر ونيتا انهيءَ سان طويل زندگي جي سفر کي طئه ڪرڻ ٻاراڻو ۽ سڃو ڀانئي رهي هئي.

ٻئي طرف مهراڻ جي طوفان سان ڀريل اٿاهه زندگيءَ کي ايذائڻ پنهنجي خوش نصيبي ڀانئي رهي هئي. مهراڻ ونيتا کي ڪيترا ڀيرا سمجهايو ته منهنجي زندگي منهنجي نه آهي، پر مون پنهنجي زندگيءَ جي واڳ جيجل جي حوالي ڪئي آهي، جا زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي. تون پنهنجي راهه جو پنڌ بدلي ڇڏ. جيستائين جيجل جون اهي غلاميءَ جون زنجيرون نه ٽٽنديون، تيستائين مون لاءِ سيج تي سمهڻ لعنت آ.

ڪرڪڻا لاهي، سک نه سُتا ڪڏهين
ڪاهوڙين آهي، اوسيئڙو ڪنهن پنڌ جو. (شاهه)

ونيتا وراڻيو – "مهراڻ مان تنهنجي مختصر زندگيءَ ۾ هم سفر بڻجڻ پنهنجي خوش نصيبي ڀانئينديس."

اُن تي مهراڻ چيو، "ونيتا، توکي نه ڄاڻ آهي ته منهنجي زندگيءَ جو سفر ڪڏهن ٻيلن ۾ ته ڪڏهن پهاڙي علائقن ۾ ته ڪڏهن ريگستاني علائقن ۾. منهنجي پٺيان ته Death warrant لڳل آهن."

وارنا مهراڻ جي اکين ۾ نهاريندي چيو، "مهراڻ!
تو مونکي ايترو ناسمجهه ڀانيو آهي جو تون مونکي
شهادت جي معنيٰ سمجهائي رهيو آهين. اڄ کان پوءِ
تون اهڙا لفظ زبان مان نه ڪڍجانءِ."

مهراڻ ۽ وارنا جي اُن ملاقات کي اڄ پندرهن
ڏهاڙن کان مٿي عرصو ٿي ويو. ٻئي طرف وارنا تي
سندس مائٽن جو زور پار ته تون الميس جي ڪنوار
بڻجڻ قبول ڪر.

اڄ شام کان وٺي آنڌي طوفان هلي رهيو هو.
هوا جي زور سبب در دريون کڙڪي رهيا هئا.
وارنا جي ماءُ پنهنجي مڙس کي چيو ـ خبر نه آهي ڇو
اڄ منهنجي دل گهبرائجي رهي آهي. هيءَ آنڌي
طوفان الائي ڪهڙو قهر نازل ڪندو. ڏسو نه ڪيڏو
نه تيز رفتار جو طوفان آهي. هوءَ ديوانن وانگر
وارنا جي ڪمري طرف ڀڄندي وئي ۽ وارنا کي
وڃي چيائين ـ وارنا ڏس ڪيڏو نه ڀيانڪر طوفان
آهي. وارنا جي زندگيءَ ۾ ته اڳ ۾ ئي طوفان هو.
جنهن طوفان ڏانهن سندس مائٽ اڻڄاڻ هئا. وارنا
خاموشيءَ سان ماءُ طرف نهاريندي رهي. سندس
ماءُ ٻڪي وڃي ڪمري جا دروازا بند ڪيا. هن
ڌيءُ کي خبردار ڪندي چيو ـ متان دريون کولين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسين ٿو ته ڪيڏو تيز طوفان آهي. وڻجارا ماڻهو کي وچ ۾ ٿي ڪاٽيندي چيو - "اڄ توهين وٽي آرامي ٿيو."

وڻجارا جون اکيون ته ڪنهن جي انتظار ۾ هيون. هن جي من ۾ طوفان ته ٻلڪ مهراڻ جي موج هئي. هوءَ انهن محسوس ڪري رهي هئي ته اڄ هوءَ زندگيءَ جون سڀئي مشڪلاتون پار ڪري زندگيءَ جون سڀئي خوشيون ماڻيندي. اهو طوفان پاڻ سان گڏ تيز هوائن سان گڏ مينهن جا وسڪارا کڻي آيو. ڪڪر ۽ بادلن جي گڙگڙاهٽ. انهن تيز آوازن ۾ دريءَ تي هلڪي دستڪ ٿي، جا گهر ۾ ڪنهن نه ٻڌي صرف وڻجارا جي من ٻڌي. هوءَ خاموشيءَ سان اٿي ۽ هن جا هٿ دريءَ طرف کڄيا. هن جڏهن دري کولي ته هن اڳيان مهراڻ بيٺو هو. مهراڻ کي ڏسندي وڻجارا جي من ۾ طوفان ڪٿرو ٿي ويو. هن جڏهن دروازو کوليو ته ڏٺائين مهراڻ جو جسم گولين سان گهايل هو. وڻجارا جو چهرو ڇاڻجوڪي واس جيان چمڪڻ لڳو. مهراڻ کي سهارو ڏيندي چيائين "مهراڻ مونکي انتظار هو- ته تون ضرور ايندين."

مهراڻ وراڻيو، "وڻجارا مون توکي اڳ ۾ ٿي چيو هو ته تون منهنجو انتظار نه ڪجانءِ، جو منهنجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انتظار اڃا به ڪير ڪري رهيو آهي. منهنجي زندگي منهنجي لاءِ آهي .... منهنجو انتظار موت ڪري رهيو آهي."

ويرا ۽ مهراڻ جي گفتگو ٿي ويرا جا ماڻهو پيءُ ۽ ڀاءُ ڪمري طرف ڊوڙيا .... اُن وچ ۾ طوفان ٿمجي چڪو هو....... بادلن جي گجگوڙاهٽ ۽ وڄ جي چمڪاٽ شانت ٿي چڪي هئي ......

مهراڻ ٿڪڙائي ڪري، ننڊ کان اڳ ويرا هن کي پنهنجي ٻانهن جو سهارو ڏيئي جهلي ورتو. ويرا جي پيءُ ماٺ ڇيو – "هن کي ڇڏ ته هتان هليو وڃي. تنهنجي زندگيءَ ۾ طوفان کڙو ٿئي تنهن کان اڳ هيءُ هتان هليو وڃي. هيءُ اگر نه ويو ته اسان سڀني لاءِ مصيبت ٿي ويندي."

ويرا ورائيو، "بابا طوفان ته ٿمجي چڪو آهي مصيبتون ٽري ويون آهن. زندگيءَ جي سفر جو آغاز ته هاڻي ٿيو آهي. مهراڻ تارڇي سفر پورو ڪري واپس وريو آهي."

ماڻس ڪاوڙ مان چيو: گڏ زندگيءَ جو سفر ۽......

ويرا وچ ۾ ٽوڪيندي چيو، "مهراڻ جي زندگيءَ جي سفر جو آغاز ته اڄ ٿيو آهي."

مهراڻ جي زخمن مان رت جا ريلا جاري هئا. هن ويرا ڏانهن نهاريندي چيو، "ويرا مونکي وڃڻ ڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻ تو لاءِ ... ."

ويرنا وچ ۾ ئي ڪاٽيندي چيو، "نه، مهراڻ ماڻ ٽوڪي ان حالت ۾ هرگز وڃڻ نه ڏيندس."

ويرنا مهراڻ جي وهندڙ سرخ لهوءَ ماڻ آڱر اوڙي پنهنجي سيند سنواري ڇڏي.

مهراڻ دانهن ڪندي چيو، "ويرنا تو هيءَ ڇا ڪيو. منهنجي زندگي مختصر آ"

هن مسڪرائيندي وراڻيو، "اڄ مهراڻ جي موج ساڻ ويرنا جو سنگم ٿيو آ."

مهراڻ زوردار هڇڪي ڏيئي اکيون ٻوٽي ڇڏيون.

ويرنا جي ماءُ چيو، "تو هيءَ ڇا ڪيو؟"

هن چيو، "امڙ! مون جيڪي ڪيو سٺو ڪيو."

"تون ڏهاڳڻ ٿي زندگي گهاريندينءَ؟" سندس امڙ وراڻيو.

ويرنا چيو، "امڙ ماڻ ڏهاڳڻ ڇو آهيان؟ مون نه شهيد ساڻ لائون لڌيون آهن. شهيد مرندا نه آهن."

ويرنا جي ماءُ چيو، "ڇري نه ڪين ٿي آهين ويرنا! هن ڳالهه جي ڪنهن کي خبر ڪين پوندي. تون ڀڄي وڃ. نفيس تنهنجو ئي ڇنڊيءَ ساڻ انتظار ڪري رهيو آهي، تون راڄ ماڻيندينءَ."

وڏيرا وراڻيو، "مان سنڌ جي هن سنڌوءَ کي پنهنجي وجان. ڪاير جي زال ٿئي سڄي عمر سک جي سيج ماڻڻ بدران بهادر جي همسفر ٿئي، هڪ رات لاءِ به سهاڳڻ ٿئي زندگيءَ جي ڪنهن کي ڳاني لڳائڻ مون لاءِ فخر جهڙي ڳالهه آهي."

سهاڳڻ، رات...... تو کهڙي سهاڳ رات گذاري ...... جدائي ۽ پڄاڻي ...... زندگيءَ جي حقيقت کي ۽ پنهنجي وچ.

اڄ به وڏيرا جو مهراڻ سان سنگم ٿيو آهي. اهڙو سنگم... ۽ اها اهڙي ميلاپ جي وير جهجل کي زنجيرن ۾ جڪڙيندڙ ڏاڍن ۽ غدارن کي پوڙي ڇڏيندي.

وڏيرا مهراڻ جي پيشانيءَ تي چپ رکي سندس ڪلا شگوف هٿ ۾ کڻي ورتي.

"بانهو يانءَ م پاڻ، تو هين مالڪ ملڪ جو."
(سچل سرمست)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبرت مئگزين حيدرآباد سنڌ

15th November, 1989

انٽرويو:- محمد اسلم قريشي

چوندا آهن ته دنيا ۾ انسان جا انسان سان ڪيئي رشتا ۽ ناتا آهن. جن مان ڪي پيار جا رشتا آهن ته ڪي خون جا پر هڪ رشتو ڌرتيءَ جو به آهي. ڌرتي جيڪا ماءُ به آهي دنيا ۾ سڀ کان مقدس رشتو ماءُ جو آهي. پاڪ پارت جي وڇوڙي ظاهري طرح ته ماڻهن جو وڇوڙو به ڪري ڇڏيو. پر ان هوندي به ماڻهن جي دلين جو وڇوڙو نه ٿي سگهيو ۽ ڌرتي ۽ ٻولي جو رشتو هزارن ميلن جي مفاصلي هوندي به قائم آهي. وڇوڙي کان پوءِ گهڻائي سنڌي هندو خاندان هندستان لڏي ويا. ڪجهه اڳي ڪجهه پوءِ. پر هندستان ۾ به انهن ماڻهن پنهنجي ٻولي سان محبت ذريعي پنهنجي سنڌيت ۽ انفراديت قائم رکي آهي. سنڌي ٻولي سان محبت رکندڙن مان هڪ وينا شرنگي به آهي. جيڪا هند ۽ سنڌ ۾ رهاڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سنڌي سروس معرفت تمام گهڻي جاچل آهي.
سنڌس مِن موهيندڙ آواز، سنڌي ٻولي جي ادائگي
جو طريقو سنڌس لکن ٻرسنتارن ذريعي ئي ظاهر آهي.
و ڀيا شرلکي نه صرف ريڊيو ذريعي مقبول آهي پر
هندستان جي ادبي دنيا ۾ به تمام گهڻي سڃاتي وڃي
ٿي. سنڌس ڪئين ادبي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن.
اُن سان گڏ پاڻ هندستان ۾ سنڌي عورتن جي سماجي
تنظيم "ماروئي" جي روح رواد به آهي ۽ تازو
ئي دهلي ۾ "شاه عبداللطيف ڀٽائي انٽر نئشنل
سيمينار" سنڌس ئي ذاتي ڪوشش سان منعقد ٿيو
هو. جنهن ۾ هند ۽ سنڌ مان تمام گهڻي تعداد ۾
سنڌي اديب ۽ عالمن شرڪت ڪئي هئي. سنڌس
سنڌي ٻولي لاءِ اُبتري خدمتن جي اعتراف ۾ سنڌس
هي انٽرويو پيش ڪجي ٿو.

سوال- اوهان دهلي ۾ ڪڏهن کان رهو ٿا؟

جواب- ادا منهنجو تعلق شهداد ڪوٽ تعلقي
سان آهي. منهنجي پيدائش لاڙڪاڻي جي آهي.
اسان شهداد ڪوٽ مان 1971 ۾ دهلي شفٽ ٿيا سين.
منهنجا ٻيءُ ماءُ ۽ پاڻ اچا تائين شهداد ڪوٽ ۾
رهندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوال – اوهان آل انڊيا ريڊيو جي سنڌي سروس جي مشهور اناؤنسر آهيو ۽ اوهان اهو ٻڌائيندا تہ اوهان ريڊيو تي ڪڏهن کان آيا آهيو؟

جواب – آل انڊيا ريڊيو سان منهنجي وابستگي ڪافي پراڻي آهي. سال 1971 کان وٺي آل انڊيا سان منسلڪ آهيان. شروع ۾ تعارف اردو ۽ هندي سروس ۾ ٿيو ۽ اُن ۾ ڊراما آرٽسٽ جي طور ڪي حصو وٺندي هئس. 8 نومبر 1971 کان وٺي آل انڊيا ريڊيو تي سنڌي سروس جو آغاز ٿيو ۽ تڏهن کان وٺي ٿي سنڌي سروس سان وابستہ آهيان.

سوال – اوهان کي سنڌي ٻڌندڙ ۽ پرستارن جا خط ملندا هوندا. اُن باري ۾ اوهان جا ڇا تاثرات آهن؟

جواب – ادا مون کي هر هفتي سوين خط منهنجي سنڌي سامعين جا ملندا آهن. جن ۾ هند جو پيار ۽ خلوص ۽ منهنجي مٺڙي ٻولي سان محبت جو اظهار ڀرپور ملندو آهي ۽ انهن خطن ذريعي ئي منهنجو سنڌ واسين سان رابطو برقرار آهي.

سوال – ريڊيو کان علاوه اوهان جون ٻيون ڪهڙيون مصروفيتون آهن؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جواب – ريڊيو کان علاوه دور درشن ٽي وي تي ڪڏهن ڪڏهن ريجنل پروگرام سنڌي زبان ۾ به ٿيندا آهن، جن ۾ حصو وٺندي آهيان. اُن کان علاوه اسان جي هندستان ۾ سنڌي عورتن جي هڪ سماجي تنظيم آهي "ماروئي" جنهن جون ٻه سرگرميون جاري رکندي آهيان ۽ باقي وقت لکڻ پڙهڻ ۾ گذاريندي آهيان.

سوال – اوهان جا پسنديده فنڪار ڪهڙا آهن؟

جواب – ماسٽر چندر، ڀڳونتي ناواڻي، ڀڳت ڪنور رام، ماني ڀاڳي، محمد جمن منهنجا پسنديده فنڪار آهن.

سوال – سنڌي ادب ۾ اوهان جو ڪهڙو حصو آهي؟

جواب – ادا جڏهن دل چاهيندي آهي تڏهن ڪجهه نه ڪجهه لکي ڇڏيندي آهيان. هيستائين منهنجا پنج ڪتاب سنڌي ۾ ڇپجي چڪا آهن. ڪهاڻين جو مجموعو 'زندگي هڪ ناٽڪ'، 'ڪيئن وساريان ولڙيئڙيون'، 'سنڌ جون يادگيريون (هن ڪتاب کي انڊيا ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ طرفان ايوارڊ به مليو ۽ هن ڪتاب کي ماسڪو يونيورسٽي ۾ به شامل ڪيو ويو.) 'ٻيڪا ۽ ٻهوار ڏٺي مون ڏيهن ٿيا'، 'سنڌ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڏيو ناهي، آهي. 'منهنجي پيشي جا گل ۽ خار' جنهن ۾ منهنجي در جون يادگيريون آهن. ان کان علاوه 'منهنجا معصوم سپنا' ميلو لاڳ جي موضوع تي آهي جنهن کي پڙهندڙن تمام گهڻو پسند ڪيو آهي.

سوال - سنڌي ٻوليءَ کي هندستان ۾ زنده رکڻ لاءِ اوهان ڪهڙيون ڪوششون پيا ڪريو؟

جواب- ادا اسان هتي دهليءَ ۾ ڪجهه پنهنجي ادبي گڏجاڻيون ڪندا رهندا آهيون. تازو اسان دهليءَ ۾ ئي "شاهه عبداللطيف ڀٽائي انٽر نيشنل سيمينار" منعقد ڪيو. جنهن ۾ هند ۽ سنڌ مان تمام گهڻن اديبن ۽ عالمن شرڪت ڪئي ۽ آئينده به هر سال اهو سيمينار ڪرڻ جو ارادو رکون ٿا.

سوال- پڇاڙي آخر ۾ سنڌ واسين لاءِ ڪو پيغام؟

جواب- ادا آخر ۾ مان اهو شعر چوندس ته:

"ڪي وڇڙيا ڏور،
ڪي ڏور به اوڏا سڄڻان،
ڪي چڙهن نه چت تي،
ڪي وسرن نه مور."

★

هند جي سنڌي شاعره، ڪمپيئر ۽ ريڊيو اناؤنسر
وينا شرنگي

▣☐▣

شمشير الحيدري

تعارف

نالو: وينا شرنگي
پيءُ جو نالو: مهراج گوپي ڪرشن
جنم: شهداد ڪوٽ ضلعو لاڙڪاڻو
ڀارت ۾: 1971ع کان.

1973 کان آل انڊيا ريڊيي ۾ ڊراما آرٽسٽ طور ڪم ڪرڻ لڳي. 1976ع کان ريڊيي لاءِ مستقل طور سينئر اناؤنسر ۽ ٽرانسليٽر مقرر ٿي.

1983ع ۾، هن ڀارت جي سنڌي عورتن جي سماجي تنظيم "ماروي" نالي سان قائم ڪئي، جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاران سائيٽ ني سال هڪ ثقافتي پروگرام وڏي پيماني تي ڪري ڪرايو ويو. 1987ع ۾ ”ماروي“ پاران ’شاهه عبداللطيف بين الاقوامي ڪانفرنس‘ ڪرائي وئي، جنهن ۾ سنڌ جي ڪافي اديبن شرڪت ڪئي. شاهه عبداللطيف تي ٻي بين الاقوامي ڪانفرنس ٽاڙو 1989ع ۾ ڪرائي وئي، جنهن ۾ به سنڌ جي ڪيترن ئي وفدن شرڪت ڪئي. ”ماروي“ پاران ٿيل ”شاهه لطيف بين الاقوامي ڪانفرنس“ ايندڙ سال ٿيڻ واري پروگرام جو پروگرام آهي.

وينا هڪ سٺي ليکڪا ۽ شاعره به آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب سفرنامن ۽ ڪهاڻين جا شايع ڪرائي چڪي آهي.

هوءَ ”سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن“ پاران ڪرايل ”سنڌ انٽرنيشنل ڪانفرنس“ ۾ پاڪستان ۽ ٻين جي وفد سان گڏجي سنڌ آئي ۽ ڪانفرنس جي سمورن نشستن ۾ شريڪ رهي. هن سنڌ سرمست جي پيغام تي هڪ مقالو پڙهيو ۽ مشاعري ۾ به شامل ٿي. ”پارس“ پاران سائنس کان علاوه ٻين اسڪولن ۾ پڻ پروگرام شامل ڪري رهيا آهيون. علاوه ٻين ۾ پڻ شامل ۾ شامل اديب هي هئا:

شمشير الحيدري، هدايت بلوچ، نسيم حيدري، ساجده شيخ ۽ مجيد ڀمڀرو. اهڙيءَ موقعي تي طارق اشرف، غلام نبي مغل، تنوير عباسي به موجود رهيا.

(ش - ا - ح)

هدايت:- اسين توهان جا ٿورائتا آهيون جو توهان اسان جي ٽيئين تي سچل انٽرنيشنل ڪانفرنس ۾ آيا. اسان کي ائين لڳو ڄڻ توهان اسان جا مهمان نه پر گهر جا ڀاتي آهيو. توهان کي هت اچي ڇا محسوس ٿيو؟

ونڊا: مان توهان سان بلڪل متفق آهيان. مونکي ائين لڳو ٿي. آئون ڪانفرنس ۾ شريڪ نه پر ٻاهران آرگنائيزر آهيان يا ڪو حصو آهيان. هتي تمام سٺو ماحول هو. حالانڪ ٻوليون ٻيون نالا ۽ چهرا ٻڌا ۽ ڏٺا آهن. تڏهن به اهڙو ڪو احساس ڪونه ٿو ٿئي ته اسين مهمان آهيون، يا هت سنڌ ۾ پاسپورٽ ذريعي آيا آهيون، اهي فارملٽيز ذهن ۾ ٿيون اچن.

مون مشاعري ۾ ٻه حصو ورتو ۽ هڪ سيشن جي سيڪريٽري جا فرض به انجام ڏنا. مشاعرو تمام وڏي پيماني تي هئو. اسان وٽ هند ۾ ايڏي وڏي پيماني تي مشاعرا نه ٿيندا آهن. اسان وٽ شاعر به محدود آهن. هت تمام گهڻا شاعر ۽ تمام وڏا شاعر به هئا. اُنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اڳيان پنهنجو ڪلام پيش ڪندي مونکي ڪو احساس نه ٿيو جيئن لوس اينس وغيره جو ٿيندو آهي. ڇو نه هي ٻ دلين جا جذبا آهن جيڪي انسان پيش ڪري ٿو، جيڪي داد ملڻو آن سان همت افزائي ٿي آهي.

ساجده : توهان ادبيا ۾ عورتن جي فلاح لاءِ ”ماروي“ تنظيم قائم ڪئي آهي، ان جا ڪهڙا مقصد آهن.

ويدا : اسان وقت هند ۾ سنڌي ٻولي ۽ ڪلچر لوڙن ۾ آهي. ان کي بچائڻ ۽ ان جي واڌاري لاءِ هيءَ تنظيم قائم ڪئي اٿئون. ادب کان ڪٽجي ويا آهيون، جنهن جي لاءِ اسان ”ماروي“ تنظيم جو پليٽفارم ٺاهيو آهي. جنهن تان ادبي ۽ ڪلچر پروگرام ڪري رهيا آهيون. هند ۾ عورتن ۾ ٻوليءَ لاءِ چاهه پيدا ڪرڻ ۽ غريب عورتن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪرڻ اسان جي مقصد ۾ شامل آهي.

نسيم : توهان هند ۾ تازو شاهه لطيف ڪانفرنس به ڪرائي هئي ان جا ڪهڙا اثر ٿيا ؟

ويدا : هند ۾ اسان انٽر نيشنل ليول تي ڪانفرنس ڪوٺائي هئي، جنهن جو مقصد هئو ته پنهنجي ٻوليءَ کي ٻين ملڪن تائين متعارف ڪرايون. اسان وقت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيترائي اهڙا به ماڻهو آهن جن کي ڪا خبر ئي ڪانهي ته هند ۾ به ڪو سنڌيءَ ۾ لکيو ٿو وڃي. يا ڪو سنڌي ادب به آهي. وڏن ليکڪن کي ڇڏي ڪري، عام ماڻهو کي اهو سڌو لڳو ۽ انهن ڪانفرنس ۾ حصو ورتو. ايو ته پارٽ ۾ جيڪي نيشنل ليول تي ايون اوليون آهن سا ايا جيڪي تعلق رکندڙ سويا آهن، نيشنل اوليءَ جي حوالي سان، ان ڪانئين اسان انٽر نيشنل ڪانفرنس جي حوالي سان انهن ڪانئين اسان جو پيغام پهتو.

شمشير: هند ۾ سنڌي رسالن ۽ اخبارن جي صورتحال ڪهڙي آهي.

وندنا: رسالا ۽ اخبارون تمام گهٽ آهن سا اڪرن، پڙهندڙن جو تعداد ڏينهون ڏينهن گهٽجندو ٿو وڃي. باقي اهو اثر ضرور ٿئي ٿو ته جڏهن سنڌ مان اديب اچن ٿا ته انهن کي ڏسي شوق ۾ ڳالهائن ٿا، ٿئي، ڪجهرارون ٿين ٿيون ۽ انهن سنڌي ٻولي ڳالهائڻ شروع ٿا ڪن ۽ اها هڪ وڏي ڪاميابي آهي. انهن آهستي آهستي قافلو وڌندو ٿو رهي.

شمشير: توهان کي جڏهن سڄي ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ سڏ مليو ته توهان جا ڪهڙا احساس هئا.

وندنا: جڏهن مونکي ڪانفرنس جي دعوت ملي

نه ڏاڍي خوشي ٿي، اچڻ لاءِ فارملٽيز پوريون ڪرڻ ۾ آءٌ ايترو مصروف ٿي ويس جو احساس ٿي نه پيو ٿئي ته پروگرام ٿيندو يا نه ٿيندو پر اميد هئي سنڌ ضرور ڏسندس. مون پهريان نه منع ڪري ڇڏي هئي پر پوءِ اوچتو ئي اوچتو پروگرام ٺهي ويو. شايد سچل سائين کي عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ پيا سنڌ ۾ ڪو داڻو پاڻي لکيل هئو.

شمشير: توهان جڏهن ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي تـه ڇا محسوس ڪيو؟

ونيا: مونکي هتي تمام سٺيون ۽ وڏيون تبديليون محسوس ٿيون. ڀارت جـــي ڀيٽ ۾ هتي ادب ۽ ٻولي لاءِ تمام سٺو ڪم ٿي رهيو آهي. هتي سنڌي ماڻهن تمام گهڻا آيل هئا ۽ ٽيئي ڏينهن موجود هئا. هتي ٽيم ورڪ به آهي. جيڪي مصروف آهن سي، به وقت ڪڍي شرڪت ڪن ٿا. عورتن جو به وڏو تعداد موجود هئو. اسان وٽ سنڌي فنڪشن ۾ ايترا ماڻهو نه ايندا آهن. هتي آءٌ اهو چوندس ته اسين پٺتي پئجي ويا آهيون ۽ توهان سنڌ وارا اسان کان تمام اڳتي وڌي ويا آهيو ۽ ترقي ڪري رهيا آهيو. ڪنهن وقت اسين اهو سوچيندا هئاسين تـه سنڌ جا ماڻهو پردي دار آهن ۽ اسين شهري ماڻهو آهيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسين وڌيڪ ڪم ڪري سگهون ٿا. پر هتي توهان
اسان کان وڌيڪ ڪم ڪــري رهيا آهيو ۽ عورتون
توهان سان ٻانهن ٻيلي ٿي ڪم ڪري رهيون آهن.

شمشير: ان جــي پٺ ۾ اوهانکي هندستان ۾
ڪيتري قدر ماڻهن جو سهڪار آهي، "مــاروي
تنظيم" جي سلسلي ۾؟

وينا: اُن ۾ مان اهو چوندس ته جيئن اسان ڪم
شروع ڪيوسين ته ڪنهن کي يقين ئي ڪو نه هئو،
اُنهن سوچيو ته شايد هيءُ مذاق آهــي. پروگرام
انهن ئي ٿا ڪن ۽ سرڪاري سطح تــي موڪل نه
ملندي ڇو جو چاليهن سالن ۾ ڪـڏهن ڪنهن هــن
شيء کي ڪنهن ئي ڪو نه هئو. جڏهن اسان ڪانفرنس
ڪئي ته سڀني اهو ئي چيو ته اهو عمل ۾ نه ايندو.
پهرئين دفعي ته هر هڪ ماڻهو چيو ته اسان شرڪت نه
ڪنداسين ۽ پوء نه ٿي ته اسانجي کهٽتائي ٿي پوندي جڏهن
پهريون پورو اهو ڪامياب ويو ته ٻئي پيري اسان سڀني کي
چيو ته ڪميٽي ٺاهيو... اهڙي طريقي سان مختلف ماڻهو
اچڻ لڳا تــه اسان چيوسين بهتر ٿيندو ته سڀئي ملي
ڪـري ڪم ڪيون. اسان کي دادا آدم ۽ سندري
طرفان پورو ساٿ آهــي. پين ڪڇ ليکڪن جو به
ڪجهه ساٿ آهي. اسان اهو چونداسين ته آهستي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهستي جڏهن هنن کي احساس ٿيندو ته اها هڪ حقيقت آهي ۽ تمام سٺو مقصد آهي ته پوءِ هو سڀئي شريڪ ٿي ويندا. ڇو جو سچائيءَ کي پرکڻ لاءِ ته وقت کپي.

شمشير: اوهانجي تنظيم ته آهي زنانائي مارئي تنظيم، اوهان اهو ڪهڙي اصولي سان توقع رکي ته دهليءَ ۾ جيتري اديب تمام گهٽ آهن ۽ عورتون اديبائون آهن ئي ڪونه، اوهان ڪهڙي آسري تي اها تنظيم قائم ڪئي؟

ويندا: ڇا اديب ئي تنظيم قائم ڪري سگهن ٿا، ڇا ورڪر کي پنهنجي ٻوليءَ ۽ ان کي وڌائڻ لاءِ حق ناهي ڇا؟ مان توهان کان اهو سوال ڪندس.

شمشير: منهنجو مطلب آهي ته پارٽ ڇا جيڪي مرد اديب آهن، سي ان ۾ ڪيتري قدر سهڪار ڪن ٿا؟

ويندا: مان توهان کي ٻڌايان ته دهليءَ ۾ فاصلا تمام ٻري ٻري آهن. جيڪو جيتي مقامي سطح تي ڏکڻ ٿيندو آهي اهي ئي ماڻهو شرڪت ڪندا آهن. ڇو جو رات جو واپس وڃڻ ڪري جو مسئلو ٿيندو آهي. بمبئيءَ جي ئي ڳالهه آهي. اتي رات جو بس سواري ملي ويندي آهي. اسان جي دهليءَ ۾ ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو وڏو مسئلو آهي. ليکڪ توهان نه ڪٿيا ڏهاڪي ۾ شايد پنج يا ڪٿي ڏهه، ويهه ڇپيو اهي آهن ۽ انهن جي دلچسپي آهي نه ڪا. ڇو جو الي اهڙي قسم جون گڏجاڻيون ٿينديون ئي ڪانهن اها نه انهن جي لاءِ هڪ ننڍين ڳالهه ٿيندي آهي.

شمشير: اوهانجي تنظيم سماجي تنظيم آهي پر هيستائين توهان جيڪي ڪانفرنسون ڪيون آهن سي گهڻو ڪري ادبي ڪيون آهن، پيو سماجي ڪم نه ڪيو آهي.

ويدا ـ نه سماجي به آهي، ادبي به آهي ۽ ڪلچرل به آهي.

شمشير: اوهان کي الي جيڪي ٻيون توراني واريون قومون آهن، انهن جو ڪجهه سهڪار حاصل آهي.

ويدا: مثلاً، توراني واريون......؟

شمشير: يعني اُتي نه، اردو به توراني واري ٻولي ڇٽي ؟

ويدا: انهن کي توهان توراني وارا سمجهو ٿا. انهن جا گهڻائي اورت وغيره آهن. ٻوليءَ ۾ به انهن کي پيهر آرگنائيز ڪيو ويو آهي. انهن کي نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪمل تعاون آهي. ٻيون علائقائي ٻوليون انهن
چوائين ته انهن جو مڪمل تعاون آهي ۽ اهو چوڻ
آهي ته توهان اهو ڪيو، اسان جو توهان سان
مڪمل تعاون آهي. انهن مدد به ڪئي آهي، پريس
۽ ۽ جيڪي نيشنل روزانه اخبارون آهن انهن به
ساٿ ڏنو. هي پهريون ڀيرو آهي جو سنڌي فنڪشن
کي ايتري سطح تي، قومي اخبارن ڪوريج ڏني.
اهو اڄ ڏينهن تائين ٿيو آهي.

شمشير: توهان جي تنظيم آهي جنهن جي حوالي
سان توهان سماجي ڪم ڪري رهيون آهيو. پر
توهان ليکڪ به آهيو ۽ ان جي ڪري توهان کان
اهو پڇڻ مناسب ٿيندو ته وڏا وڏا شهر جتي اسانجي
گهڻي آبادي آهي اُتي هنديءَ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو
صورتخطي جو جيڪو مسئلو پيدا ٿيو آهي اُنهيءَ جو
مستقبل ڇا ٿيندو؟

وينا: اُن ۾ ته اسان اهو ٿا چئون ته جيڪي به
ورڪ ڪن ٿا، حمايت ڪن ٿا پنهنجي زبان ۾، اهي
خود اُن تي عمل نه ٿا ڪن. اگر اهي عمل ڪرڻ
شروع ڪندا ته ڪجهه ڪاميابي ٿي سگهي ٿي ۽
اُنهن خود ترجمو نه ڪيو آهي، يا پنهنجا ڪتاب اُن
ٻوليءَ ۾ ڇپرائڻ کان گهٻرائين ٿا. تنهنڪري پنهنجي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حالت خراب آهي.

شمشير: اوهان وقت هن سال لطيف ڪانفرنس ٿي هئي ان ۾ اها خواهش ڏيکاري وئي هئي ۽ اهو اعلان ڪيو هئو ته اوهان جي ماروي تنظيم ڪوشش ڪندي ته جلدي پارسي جي سنڌي ماڻهن جي لاءِ ”شاهه لطيف سينٽر“ قائم ڪيو وڃي ان سلسلي ۾ ڪا ڪارروائي اوهان شروع ڪئي آهي يا ڪو سهڪار مليو آهي.

ويدا: ڏوهاڻڪي ڳالهه آهي ته اسان انهي اعلان ڪيوسين ته دهليءَ ۾ لطيف سينٽر جي ڳالهه سان قائم ڪيون ان لاءِ اسين پابند آهيون ۽ ڪوشش ڪنداسين.

شمشير: ان سلسلي ۾ اوهان سان گورنمينٽ تعاون ڪندي؟

ويدا: اسان کي پورو يقين آهي ته حڪومت تعاون ڪندي ۽ هن سيمينار ۾ به سرڪاري سطح تي هندن ويزا وغيره جي سلسلي ۾ به مڪمل تعاون ڪيو. اهي به اسان ۾ ڪوتاهيون آهن جو اسين حڪومت کان پورا فائدا نه ٿا وٺي سگهون. پر تنهن کان اڳ ۾ چوندا آهن ته پاڻ تي پاڙجي. ان جي لاءِ مان سنڌين کي چاهي هند ۾، سنڌ ۾، ولايت ۾،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيا جتي به رهن ٿا انهن کي چوانديس ته اچي ٽرينر تعاون ڏين ته اسين پنهنجي محنت لي لطيف سينٽر دهليءَ ۾ قائم ڪريون ۽ سنڌ وارن، سنڌي ٻارن، ٻچڙن کي به اپيل ڪيان ٿي.

شمشير: سنڌي ٻولي، سنڌي ادب، سنڌي تعليم جي باري ۾ ڪيتري قدر سرڪاري سهڪار حاصل آهي؟

وينا: سرڪار وٽ تمام گهڻا فنڊز آهن، جيڪي اڪيڊميز آهن ۽ اسڪولن جي لاءِ به ته توهان اهي ڪوٺو، پڙهائڻ لاءِ ته فنڊز ڏيڻ لاءِ سرڪار تيار آهي. پر ڇا هي اسان جي بدقسمتي نه آهي ته هر هنڌ ليکڪن جا گروپس هوندا آهن انهن جي ڪري فنڊز ڪتب نٿا ٿين ۽ اهي واپس هليا ٿا وڃن لکن جي تعداد ۾.

شمشير: انهن وٽ اهڙيون تنظيمون ناهن جيڪي ان قسم جون رٿائون ناهن ۽ اهو خرچ ڪن ۽ واپس ڪرڻ جي بجاءِ استعمال ٿئي؟

وينا: نه اسان وٽ اهڙيون تنظيمون به نه آهن ۽ رٿائون به نه آهن. جيڪا دهليءَ ۾ سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ آهي، انهن مان صرف ڏهن سيڪڙن فائدو ورتو آهي. اهي ٻيڻي جون آهن. اهو به ان

جي ڪري جو انهن جا ماڻهو اُتي موجود آهن.

شمشير: ڀارت ۾ اُلهاس نگر هڪڙو مثالي شهر آهي. جتي سنڌين جي تمام گهڻي آبادي آهي. اُتي ساڍا ٽي لک ماڻهو هڪڙي شهر ۾ رهن ٿا. اُتي جيڪي بازارون آهن انهن ۾ اهو ئي طريقو آهي جيڪو اسان وٽ هتي سنڌي بازارن ۾ هئو. جيئن بورڊ سنڌيءَ ۾ لکيل آهن. ماڻهو سنڌي ڳالهائين ٿا پر جيتري قدر اُتي ٻاهرين آبادي ٻي آهي، سا وڌي رهي آهي، توهان ڇا ٿا سمجهو ته اُلهاس نگر جو مستقبل ڇا آهي هڪ سنڌي شهر جي حيثيت ۾؟

وِملا: مون جي ٻاري ۾ مان اهو چوندس ته جيڪي اُتي رهن ٿا سي سڀ اُتان جا لوڪل ماڻهو آهن.

شمشير: اهي ڪير آهن؟

وِملا: اُتي اسان اگر گجرات ۾ ويهنداسين، گجراتي هوندو. ڪڇ ۾ ويهنداسين، ڪڇي هوندو. مهاراشٽر ۾ ويهنداسين، مهاراشٽري هوندو اهڙي طرح سان اهي لوڪل ماڻهو هوندا پر انهن سان ملي جلي رهڻ ۾ ته اهڙي ڪا ڳالهه ڪانهي ڪا. پر ڇا آهي ته جيڪو واپاري ڪلاس اهو استعمال ڪري ٿو. اسان جي سنڌي ڪميونٽيز ۾ به اسان جو واپاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلاس آهي اُن جي ڪري توهان ڏسندؤ ته پورهيت دالهن ڪندو آهي، اُن جا پوءِ نتيجا ڇا ٿيندا آهن، مختلف طريقن سان.

مجيد: ٻاهرين آبادي سان اها صورتحال ٿـــي سگهي ٿي جيڪا اسان وٽ آهي؟

ويدا: اِلي اها صورتحال نه ٿي ٿي سگهي.

شمشير: الي اها صورتحال نه آهي، اهو جيڪو تضاد آهي اهو انهن وٽ نه آهي. ڳالهه اها آهي ته هڪڙو مثالي شهر اوهان اَڏيو، الي ابتري آبادي ڪني ڪٿي. الي ٿورو گهڻو جيڪو ثقافتي رنگ ڏسڻ ۾ آيو. ٻوليءَ جو يا پنهنجي لباس جو. اُٿڻي ويهڻي، کاڌو پيتو. ان ۾ اهو هڪڙو سنڌي ڪلچر سو پنهنجي جاءِ تي محفوظ ٿو رهي. هاڻ جيڪڏهن ٻاهرين آبادي وڌي ته تضاد ته نه ٿيندو پر اها شيءِ جنهن جي اصل شڪل آهي سا وڃائجي ويندي ۽ هڪڙو واحد شهر آهي جتي گهڻي ۾ گهڻي آبادي سنڌين جي هڪڙي هنڌ آهي.

ويدا: توهان اجمير ۾ به ڏسندؤ ته ڪافـــي سنڌي آهن.

شمشير: ها پر اتي آبادي نه آهي. اجمـــير ۾، امبٽي ۾، ٻڙودا ۾ يا رائپور وغيره ۾ الـــي جهڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هائو آهن، اُتي كافي تعداد ۾ سنڌي رهن ٿا پـر هڪڙو مخصوص، هڪڙو محدود قسم جي جهڙا سوسائٽي آهي، اُها صرف الهاس نگر ۾ آهي.

وملا: اُڄي لاءِ مان اهو چوندس ته سنڌي اُن ڳالهه كي زور شور سان ڪٽن. اُتي چولـديل اماڳدڙا ۾ آهن.

شمشير: اُتي اسيمبلي ۾ نمائندو سنڌي آهي.

وملا: مولكي ڪانون چولهن جـي خبر ناهي پــر هيسٽانين چولهيدا آيا آهن ڪافي سنڌي اُتي ميونسپالٽي وغيره ۾ به آهن. اهڙي ڳالهه كانهي. صرف ڇا آهي ته زور شور سان ڪوشش ونڃ گهرجن يا جيڪڏهن ڪو به ماڻهو ايمانداريءَ سان ڪوشش وٺي ٿو ۽ پيو ڏاهي ٿو ته پوءِ اهو مقصد پنهنجي ڏڪڻي ٿو وڃي.

شمشير: سنڌي ٻوليءَ جون ڪي اخبارون نڪرن ٿيون يا رسالا نڪرن ٿا؟

وملا: اِيترا نه، ڪجهه نڪرن ٿيون جيڪي هڪ مقبوليت تمهيدو آهي، اُن قسم جون نڪرنديون آهن.

شمشير - دهليءَ مان ڪا سنڌي اخبار نڪري ٿي؟

وملا: نه دهليءَ مان ڪانه ٿي نڪري.

شمشير: دهليءَ مان ڪو ماهوار رسالو نڪري ٿو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڊيا: نه بلڪل نه. دهليءَ ۾ ته سنڌيءَ جي پريس ئي ڪانهي. اجمير ۾ پريس آهي پر اُتي ڇپائي جي ڏاڍي ڏکيائي آهي.

شمشير: ڪتاب اوهين ڇپيو ٿا ته گهٽ ۾ گهٽ ڪيتري تعداد ۾ ايڊيشن ڇپيو ٿا؟

وڊيا: پنج سؤ. سڄي ۾ سنڌو جيتن نارائڻ شمام جو، ان جو ست سؤ يا هزار ڪاپيون. اهو به ان جي ڪري جو سيٺي اڪيڊميز ڪي اُهي وٺنديون آهن جيڪي ان کان وٺي ڇڏيندا. هاڻي هڪڙو ليکڪ آهي سو ڪتاب جون پنج سؤ ڪاپيون ڇپائي ڏيڍ سؤ ڪاپيون وڃن ۽ ساڍا ٽي سؤ ڪاپيون وڪڻائي، ته توهان اهو سمجهي سگهو ٿا ته ادب ۾ ڪيتري دلچسپي هوندي.

شمشير: ته اساڻي ادب جي اوسر جي صورتحال اِها آهي جو ماڻهن ڪانهين ڪتاب پڙهائڻ جي لاءِ! هڪڙو ته محدود تعداد ۾ ٿا ڇپجن. ۽ انهن کان پوءِ اهي پوري طرح سان وڪرو به نٿا ٿين.

وڊيا: نه، خريد ٿي ڪوئي ڪندو ناهي. ائين ڪري جيڪو ڇپائڻ وارو آهي سو به ته سڪرنج ٿئي ٿو.

ساجده: وري توهان کان اهو پڇڻو آهي ته الي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي اديبائون ڪيتري تعداد ۾ آهن؟

وينا: مان توهانکي ٻڌايان ته تمام ٿوري تعداد ۾ آهن. اهي به دهليءَ ۾ ته بلڪل ٿي ٿاهن ۽ بمبئي، احمدآباد، اجمير وغيره ۾ جتي سنڌي ڪافي آهن ڪجهه اديبائون آهن پر انهن جي همت افزائي نٿي ڪئي وڃي.

مجيد: سنڌ جي جيڪا موجوده صورتحال آهي ان تي انهن جا اديب ڇا ٿا محسوس ڪن.

وينا: ته اُتي هتان جي ڪابه ڳالهه محسوس نه ٿي ڪئي وڃي.

شمشير: اوهان وقت اُتي اٽر شاديون جيڪي ٿيون آهن، خود تنهنجي خاندان ۾ ٿيون آهن ۽ اهو جيڪو سلسلو آهي سو اسان وقت به هليو آهي. پر هتي اچان ايترو ڏسپ ڏاڍ ڪولهي. جيڪو هتي آهي چاڪاڻ ته ٻيا گهڻا پاسا آهن جن کان اسان کي خطرا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي، سنڌي ساهت جي لاءِ ته آئون سمجهان ٿو ته اها شيءِ ادارا ته نه ٿا ڪن. ڇو جو ڪجهه مجبوريون ته آهن. گهڻيون ٻوليون آهن. پاڻ ۾ ڏئي وٺي سگهجن. پر آئون سمجهان ٿو ته جيڪا حقيقت واقعي ٻهنجي جاءِ تي ٺٽي پئي ان مان ته اهو خطرو آهي چاڪاڻ ته پار سنڌي

نه ٿا ڳالهائن.

ويدا: نه اسان جي ٻنهي جي ڪوتاهي آهي. ٻيءَ سنڌي آهي ته اسين سان سنڌي ٻوليءَ ۾ نه ڳالهيندو ته پوءِ ظاهر آهي ته ٻار سان لنڊي هوندي جيڪا ٻولي ڳالهائي ويندي اُن جو ئي اثر ٿيندو.

شمشير: معنيٰ ته اسان ٻه - ٻه چار - چار ماڻهو وڃائيندا وڃون ته جيڪو ٻه ايندڙ نسل اچي پيو.

ويدا: اهو ته ايندڙ نسل ته جيڪو ٻهرئين وارو نسل آهي هتي ڪراچيءَ ۾ جنهن تعليم ورتي جن هتي شاديون ڪيون، آهي ئي چون ٿا ته اسان کي سنڌي نه ٿي اچي. اها حالت آهي.

ماجده: ماڻهن تنظيم جي حوالي سان توهان جيڪو ڪم ڪيو ٿا، اُن سلسلي ۾ سنڌ مان توهان کي موٽ ڪيتري ملي آهي؟

ويدا: سنڌ مان تمام سٺو سهڪار مليو آهي ۽ اميدن کان وڌيڪ پيار، قرب ۽ تعاون مليو آهي.

نسيم: اسان جي نوجوان اديبن کي شڪايت آهي ته وڏا اديب اُنهن کي اڳتي وڌڻ جو موقعو نٿا ڏين. اُتي جي نوجوان اديبن جي صورتحال ٻڌايو.

ويدا: ان لاءِ مان ائين چوندس ته اُتان جي نوجوان اديبن جي هتان جي نوجوانن کان وڌيڪ ٻري حالت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. اُتي اگر ڪو پروگرام ٿئي ٿو، ۽ اُن ۾ صرف نوجوان اديب ئي آهن ته اِن پروگرام ۾ هڪ ته وڏا اديب اچڻ ۾ عيب ٿا سمجهن ۽ ٻيو ته هو اُن پروگرام کي ڪامياب ٿي نه ٿا ڏيڻ ڏين. ٽيون ته اُن ۾ ڪنهن وڏي اديب جي شموليت ناهي. سندن شاعر، ڪهاڻيڪار آهن. اُنهن کي پڙهڻ گهرجي يا اُنهن کي همٿائڻ گهرجي، اهڙي پروگرام ۾ هنن کي ڪابه دلچسپي ڪانهي جنهن ۾ نالي وارا ماڻهو نٿا اچن.

مجيد: هڪڙي ڳالهه اها آهي ته ورهاڱي کانپوءِ اديبن لئي بندش آهي ته هند جا اديب سنڌ نه ٿا اچي سگهن ۽ سنڌ جا اديب هند ۾. ٺهراءُ وغيره پيش ڪندا آهن. ڪو منڪڻ ڪندا آهن. ڪو اڙاو تڙاو اهان ڏئي ڇڏيندا آهن. هند ۾ اُن سلسلي ۾ ڪهڙيون ڪوششون ڪيون ويون آهن.

ويدا: هند ۾ ته اسان طرفان لطيف سيمينار ۾ ڪوشش ڪئي هئيسين.

مجيد: منهنجو مقصد آهي ته سرڪار ڏانهن اُن ڳالهه کي پهچائڻ لاءِ ته سنڌ جا اديب هڪ ٻئي وٽ اچن وڃن. اُن ۾ ڪهڙيون ڪوششون ڪيون آهن، هند جي اديبن طرفان الي هندستان ۾.

ويدا: اديبن طرفان ته ڪا اهڙي خاص ڪوشش

ڪاله ڪٿي وٺي آهــــي. جيڪڏهن ڪن ها ته اڄ ٿانئين ڪامياب ٿي وڃن ها .

مجيد : توهانجي مارڻي تنظيم اُن سلسلي ۾ ڪجهه ڪرڻ چاهي ٿي يا نه.

وينا : ان لاءِ اسان پوري ڪوشش ڪــري رهيا آهيون.

ساجده : هند ۾ سنڌي عورتن جي سماجي حالت ڪهڙي آهي.

وينا : اُتي جي عورت تمام الــبرواس آهــي ۽ اُهي جا بس انڊوانٽيج اکري آيا آهن. هتي جو ماحول بلڪل الڳ آهي ۽ اُســان جو مـاحول بلڪل الڳ آهي. جيتري قدر برابري جـــا حق ته سڀني کي آهن. پر تڏهن به اُتي جي عورت کي اهي مسئلا نه هوندا جيڪي هتي جي عورت کي آهن.

ساجده : ڇــا اُتي جي عورت ۾ سماجي سجاڳي آهي ؟

وينا : نه سجاڳي نه آهي پر چاهي ته ڪهڙن ڳوٺن وارين عورتن کي اُچان اهــــي مسئلا درپيش آهن، شهرن جون عورتون ڪٿي نه ڪٿي پنهنجي مسئلي جو اظهار ڪن ٿيون، ان جو حل تلاش ٿيو ن ڪن، ڏور پهراڙن ۾ عورت هڪ ته اَڻپڙهيل آهي، هن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاهر جي دنيا جي خبر ڪانهي. هاڻ تعليم به عام ٿيندي ٿي آهي ۽ عورتن جون تنظيمون به ڳوٺن ۾ عورتن لاءِ ڪم ڪن ٿيون. اسان وٽ ته ٻه ٻيون عورتون ڪم ڪري رهيون آهن.

مجيد: سنڌ ۾ وڏن شهرن مان سنڌي ميڊيم ختم ڪيو پيو وڃي. هند ۾ سنڌي ماڻهن لاءِ سنڌيءَ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙا مسئلا آهن؟

ويدا: اسان وٽ آزادي آهي. ڪو به ماڻهو ڪهڙي به سبجيڪٽ ۾ پڙهي يا پرچا ڏيئي سگهي ٿو. سرڪار طرفان ڪنهن به قسم جي رنڊڪ نه آهي.

مجيد: هند ۾ سرڪار سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ ڪوششون وٺي ٿي؟

ويدا: جي بلڪل، اسان وٽ ڪم ڪرڻ جي آزادي آهي. جيترو توهان ڪم ڪندو، سرڪار به اوترو ئي تعاون ڪندي.

مجيد: توهان ڇهن ڏينهن کان هتي ڪراچيءَ ۾ آهيو. ته ڪيترا سنڌي وڏا اديب نوجوان ۽ ٻيا ماڻهو ڪانفرنس ۾ آيا ۽ توهان سان مليا آهن توهان کي ڇا محسوس ٿيو آهي؟

ويدا: انهن سان ڪافي خيالن جي ڏي وٺ ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ۽ اُنهن مـــان ڪافي ڪجهه سکڻ جـو موقعو مليو آهي.

شمشير: سنڌ جي ماڻهن لاءِ ڪو پيغام ڏيڻو آهي، هتي جي عورتن لاءِ هتي جي ٻـارڙن لاءِ، نئين ٽهيءَ جي لاءِ، جنهن ٽهيءَ جو ن اوهين ڀاڱو آهيو.

ويدا: پيغام ته وڏا ماڻهو ڏيندا آهن.

شمشير: اسان کـــي انهي ماڻهوءَ جو وڏو پيغام کپي.

ويدا: اسين ملي جلـــي ڪري ڪم ڪريـون ۽ وير ويڇا مٽائي هڪ ٻئي سان ڀائرن ڀيلي ٿي ويهون. پنهنجي ٻولي ۽ ادب کي وڌايون ۽ اهڙا سلسلا هلندا رهن. جيڪي پيغام آهن صوفي شاعرن جا اُنهن جي اصولن، مقصدن کي نظريو بڻائي اسان اڳتي وڌون.

پارس - جنوري 1990

▣

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڃاهه جنوري فيبروري 1990

هند جي سنڌي اديبا

وينا شرنگيءَ کان انٽرويو

- ضاکي صوبو ۽ دلشاد ڀٽو

ساڃاهه: هندستان ۾ سرڪار سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ ڪيتري سهڪار ڪري رهي آهي؟

وينا: ڀارت سرڪار ٻهن ٻولين سان گڏ سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ٻوليءَ طور تسليم ڪيو آهي. ان کان علاوه هر صوبي ۾ سنڌي اڪيڊميون ٻڻ قائم ڪيون ويون آهن. جن ۾ مختلف شعبا آهن، جهڙوڪ اشاعتي شعبو ۽ ثقافتي شعبو وغيره هائي سرڪار وٽ سنڌي يونيورسٽي قائم ڪرڻ جو منصوبو زير غور آهي. اڪيڊمين کي ملندڙ فنڊ ايتري نه جهجهي انداز ۾ هوندا آهن، جو سمورا خرچ ڪڍڻ جي باوجود به ڪافي پئسا بچي پوندا

آهن، جيڪي هر سال حڪومت کي واپس ڪيا ويندا آهن. فنڊز کي مڪمل طرح استعمال نه ڪري سگهڻ اڪيڊمين جي پڙهڻ جي ڪمزوري آهي، جنهن کي پاليسين وسيلي درست ڪري سگهجي ٿو.

ساڃاهه: هندستان جو سنڌي اديب ۽ ادبي حلقا سنڌي ادب جي اوسر لاءِ ڪهڙو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن؟

وينا: اسان وٽ سنڌي اديب صرف اهو ٽڪيڙائي ڪم هٿ ۾ کڻي ٿو، جيڪو سرڪار طرفان کيس ذميواريءَ طور ملي ٿو. باقي پڙهڻ سر اٿهن ۾ ادبي خدمت جو جذبو نه هئڻ جي برابر آهي. جيڪڏهن هندستان جو اديب لڳاتار سان ڪم ڪري ها ته اڄ هندستان ۾ سنڌي ٻولي اُلائي ڪٿان جو ڪٿي پهچي وڃي ها.

ساڃاهه: هندستان اندر سنڌي ادب جا ڪهڙا موضوع آهن يا ڪهڙن سماجي مسئلن تي لکيو وڃي ٿو؟

وينا: هندستان اندر سنڌي اديبن سماجي مسئلن کي تمام گهٽ کنيو آهي، ڇاڪاڻ ته سماجي مسئلا ايتري شدت سان اسان وٽ محسوس ڪو نه ٿا ٿين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

البت اڄ ڏينهن تائين ورهاڱي ۽ سنڌ مان لڏ پلاڻ وارو مسئلو هندستاني اَدب ۾ جڳهاڻي حد تائين موجود آهي. ورهاڱي جي مسئلي ڪانسواءِ غير ملڪي ڇوڪرين سان شادي ۽ شاديءَ کان پوءِ پيدا ٿيندڙ مسئلن کي اڪثر ڪري اسان جي اَدب ۾ کنيو ويو ٿو. ٻه ٽي گهٽي ٻاهري لکڻ لاءِ اَديب کي موضوع ٻا پاڻ کي ڳولهڻا پوندا آهن.

ساڃاهه: هندستان اندر سنڌي اَدب جي حوالي سان ڪيتريون ادبي تنظيمون ڪم ڪري رهيون آهن؟

وينا: هندستان ۾ هونئن ته اڪيچار تنظيمون موجود آهن پر انهن جو ڪردار ٻڌڻ ڪوانهي. ڪافي ادبي تنظيمن جو ته اهو حال آهي، جو انهن جا عهديدار ڳولهي به ڪو نه لڀندا آهن. اهڙين گهٽين اَدبي تنظيمن جو هجڻ ڪنهن وڏي اَدبي جاڳرتا جو نشانو نه آهي. ٻيو اَديبن جي اندر گروهه بندين ۽ هڪ ٻئي ڏانهن نه سهپ وارا رويا آهن. اهي ئي سڀ عملجو ڪارڻ آهي. هندستان اندر حالت اها آهي جو هر ڇهن ۽ پندرهن اَديبن جي تنظيم الڳ آهي. ننهن هونئدي به پوني ۽ ممبئيءَ وغيره ۾ هڪ ٻه به اَدبي تنظيمون اهڙيون آهن، جيڪي ڪجهه نه ڪجهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فعال رول ادا ڪن ٿيون.

سائين: هندستان ۾ ڪم ڪندڙ ٻين اداري لنظيمن جو سنڌي ادب ۽ سنڌي اديب ڏانهن ڪهڙو رويو آهي؟

ويٺا: هندستان ۾ ڪم ڪندڙ ٻين ٻولين جون ادبي تنظيمون اسان ڏانهن ۽ سنڌي اديبن ڏانهن تمام سٺا ۽ همت ڏياريندڙ رويا رکن ٿيون. پر ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ سنڌي ادب اڃا سگهارو نه آهي جو ڀيٽجي پرپور اثر ڇڏي سگهي. ڇو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ هندستان جي مختلف ٻولين جا اهڙا نه لفظ شامل ٿي ويا آهن، جو سنڌي ٻوليءَ جي اصل شڪل ئي بگڙي وئي آهي. جنهن اسان جي تخليق ۽ اسان جي ادب کي هيٺ ڪري ڇڏيو آهي. اسان جي تخليق جو اهو ڪمزور پهلو ٻيا ادبي حلقا شديد سان محسوس ڪن ٿا. پر ان جو ڪلي اظهار ڪرڻ کان پاسو ڪندي ٿي. واري اسان جي ادب کي ڪوڙا ڏيڻ ۽ ان ۾ دلچسپي وٺڻ کان لنوائيندا رهندا آهن.

سائين: هندستان ۾ ڪيترا سنڌي رسالا نڪرن ٿا ۽ انهن جي پڙهندڙن جو تعداد ڪيترو آهي؟

ويٺا: اندازا ڏهن کان ٻارهن رسالا نڪرن ٿا، پر

اُنهن جا بہ مختلف سال ۾ هڪ يا ٻہ پرچا ٿي نڪرندا
آهن، نہ تہ گهڻي ڀاڱي هڪ اڌ پرچي کانپوءِ رسالا
نڪرڻ ٻند ٿي ويندا آهن. ڪجهہ رسالا اهڙا
آهن، جيڪي مستقل ڇپجن ٿا. جهڙوڪ: رچنا،
ڪونج، سوجهرو ۽ سنگيتا وغيره. پر اهي بہ اڪثر
صحيح وقت تي اچڻ بجاءِ دير سان ٿي نڪرندا آهن.
اُنهن سان بہ گهڻي ڀاڱي نڪرندڙ رسالا اَدبي گهٽ ۽
ڪمرشل وڌيڪ هوندا آهن، جن ۾ فنڪارن جا وڏا
وڏا فوٽو، سيٺين ۽ واپارين جا انٽرويو ۽ وڏن ماڻهن
جي فوٽن جي ڀرمار هوندي آهي، جنهن ڪري اُنهن
رسالن جو وڪرو سرڪاري ادارن يا لئبررين تائين
محدود آهي. گهڻي ڀاڱي اَديب پنهنجي پنهنجي
رسالن ۾ هڪ ٻئي جا فوٽو ۽ انٽرويو ٿي شايع ڪندا
رهندا آهن. ان ۾ رسالي ڪڍڻ واري جو ڏوهہ بہ
گهٽ هوندو آهي. هڪ تہ اسان وٽ ايترا اَدبي
تخليقون ڪو نہ ٿيون ٿين، جيڪي رسالن ۾ شايع
ٿينديون رهن. ٻيو پڙهندڙن جو تعداد گهڻو نہ هجڻ
ڪري رسالن جو وڪرو تمام گهٽ ٿئي ٿو. ان ڪري
رسالا پنهنجي ڇپائي جو خرچ بہ ڪين ڪڍي سگهن.
اُنهن کي جيڪڏهن ڪمرشل بنيادن تي بہ هلايو
وڃي تہ اهي رسالا نڪرڻ ٿي ٻند ٿي وڃن. انڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ٻوليءَ کي زنده رکڻ لاءِ ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان انهن سنڌي رسالن جو شايع ٿيڻ تمام ضروري آهي.

ساجاهه : سنڌ اندر سنڌي ادب جي اوسر بابت اوهانجي راءِ ڇا آهي؟

ويدا : سنڌ اندر سنڌي ادب تمام وڏي ترقي ڪئي آهي. ادب جي سڀني ۾ هتي نوان نوان تجربا ٿيا آهن ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ اُن اديبن جو هڪ وڏو حلقو اڀري آيو آهي. جيڪو سماج کي سڌارڻ ۽ ڪارج پرائڻ لاءِ تخليقون ڏئي رهيو آهي. ڪيترا اهڙا سٺا اديب موجود آهن جيڪي هندستان تائين اچي متعارف ٿي نه سگهيا آهن. اسان وٽ اڄ تائين صرف ابراهيم جويو، شيخ اياز، شمشير الحيدري، قمر شهباز، تنوير عباسي، خيرالنساء جعفري، نورالهدا شاه ۽ حميد سنڌي کي سڃاڻا وڃن ٿا. پر هتي اچي ڄاڻ پئي آهي ته سنڌي ادب ڪافي شاهوڪار ٿي چڪو آهي ۽ تمام تيزيءَ سان پنهنجو معيار وڌائي رهيو آهي.

ساجاهه : هندستان ۾ ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان سنڌي پروگرامن کي ڪيترو وقت ڏنو وڃي ٿو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندا: جئپور، بمبئي، احمد آباد ۽ دهليءَ کان نشر ٿيندڙ رهاڻيل ٻولين جي پروگرامن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي به وقت مليل هوندو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ نشر ٿيندڙ پروگرام اڌ ڪلاڪ کان هڪ ڪلاڪ دورانيي جا هوندا آهن. وقت وڌائڻ جي گنجائش البت اڃا موجود آهي.

ساڄاهه: سنڌ ۾ منعقد ٿيل بين الاقوامي سچل ڪانگريس بابت اوهان جا تاثرات ڇا آهن؟

ويندا: سچل ڪانگريس ۾ سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪندڙ ڳالهه ڪارڪنن اندر نظم، ضبط، ٽيم ورڪ واري انداز ۾ ڪم ڪرڻ جو جذبو ۽ مقصد سان خود سپردگيءَ جي حد تائين وابستگي هئي. سچل ڪانگريس ۾ سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن پنهنجا ڪم ڏاڍا سهڻائي اُڀاري نه وڏي انداز ۾ اچي شرڪت ڪئي جو ايڏي وڏي انداز بابت اسان هندستان ۾ تصور به نه ڪري سگهون. ان مان ٻه ڳالهيون ظاهر ٿين ٿيون. هڪ ته ادب تخليق ڪندڙن جو هڪ اهڙو حلقو وجود ۾ اچي چڪو آهي، جيڪو ماڻهن کي معياري ادب ٿو ڏئي. ٻيو سنڌ ۾ ادب دوست ماڻهن جو هڪ جهجهو تعداد پيدا ٿي چڪو آهي، جيڪي سنجيدگيءَ سان ادب جي تخليقن کي پڙهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿا ۽ داد ڏين ٿا. سچل ڪانگريس ۾ "پڙهندڙن جو
تعداد به خاص متاثر ڪندڙ هو ۽ انهن جنهن انداز ۾ اُتي
موجود شاعرن کي پڙهو ان مان لڳو پئي ته سنڌ اندر
اَدب ڏيندڙ ۽ اَدب پڙهندڙن جو هڪ سنجيده حلقو
جڙي چڪو آهي، جيڪو سنڌي اَدب جي اوسر ۾
معاون ثابت ٿئي ٿو. سچل بين الاقوامي ڪانگريس
۾ سنڌي دانشورن، سچل جي فڪر، زندگي ۽ شاعري
تي جيڪي مقالا پڙهيا انهن سچل جي فڪر ۽ زندگيءَ
جي اهڙن چرڪائيندڙ گوشن کي اسان جي آڏو پڌرو
ڪيو، جيڪي هندستان ۾ رهندڙ سنڌي نسل کان
اڃا تائين لڪل آهن. مونکي اهو اعتراف ڪرڻ ۾
ڪو به عار محسوس نٿو ٿئي ته اسان وٽ هندستان ۾
سچل لاءِ ان انداز ۾ اڃا ڪم ڪو نه ٿيو آهي. هڪ
ٻي خاص شيءِ جنهن ڏاڍو متاثر ڪيو اها سرڪاري
حلقن پاران سچل ڪانگريس جي سرپرستي ۽
همت افزائي هئي. هتي جنهن انداز ۾ اَديبن ۽
دانشورن سان سرڪار سهڪار ڪيو آهي، اهو هڪ
اُتساهيندڙ عمل آهي. هندستان ۾ 1987ع ۾ سنڌي اَديبن
پاران شاهه لطيف ڪانفرنس ملهائي وئي هئي. مان چاهيان
ٿي ته ٻنهي ملڪن ۾ گڏيل سطح تي وري به اهڙيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوشش نه ڪيون. هن سموري سفر ۾ سڀ کان
وڌيڪ قابل ذڪر موضوع سنڌ قافلو آهي. قافلي ۾
سڀ کان وڌيڪ خوشي ڏياريندڙ عمل وڏي تعداد
۾ سنڌي ڀينرن جي شرڪت هئي، جيڪو عمل سنڌ
۾ سماجي جاڳرتا جو اهڃاڻ ۽ سنڌي عورت جي
معاشرتي آزاديءَ ڏانهن پهرين وک آهي. سنڌ قافلو
سنڌ ۾ جمع ٿي ويو اتي سنڌي ڀينرن ۽ ڀائرن سنڌ
جي روايتي انداز ۾ اسان جي آجيان ڪئي. آدر ڀاءُ
جا اهڙا ته جذباتي منظر ڏسڻ ۾ آيا، جن اسان جي
لوُن لوُن ۾ ڪالبداري ڇڏي. اسان ان خلوص ۽ محبت
کي نا زندگي وساري نه سگهنداسين. سنڌ قافلي
جي توسط سان اسان شاهه لطيف، سچل سرمست،
قلندر شهباز، مخدوم بلاول جي درگاهن تي حاضري
ڀرڻ جو مان حاصل ڪيو، جنهن جو عام حالتن ۾
اسان تصور به نه ٿي ڪري سگهنداسين. هڪ خاص
ڳالهه، ان سفر دوران جنهن مون شدت سان محسوس
ڪئي. اها سنڌ جي تاريخي جڳهين تي خصوصا
ساڻ هلڻ ۾ لڳل بورڊ صرف سنڌي ٻوليءَ ۾ هئا،
جنهن جي سنڌيءَ سان گڏ اردو ۽ انگلش ٻوليءَ ۾ نه
هجڻ ڪري هئا. جو نه اسان سان هلندڙ ٻين قومن جا
اديب، بلوچ، پٺاڻ ۽ پنجابي سنڌي ٻولي پڙهي نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهي سگهيا. ان ڪري منهنجي راءِ آهي ته سنڌ جي ڳوٺاڻي جڳهن تي ٻورب مختلف ٻولين ۾ هجڻ ڪرڻ، جيئن اسان جي تهذيب ورثي کان ٻيون قومون به چڱيءَ ريت واقفيت حاصل ڪري سگهن. سنڌ کي گهمڻ ڪاپوءِ محسوس ٿيو ته سنڌ ۾ ساوڪ تمام گهٽ آهي. منهنجي اها خواهش به آهي ته سنڌ جي ماڻهن کي اپيل به ته سنڌ جي سونهن ٻري ڌرتيءَ جي خوبصورتيءَ کي وڌائڻ لاءِ ان ۾ ساوڪ پوکڻ، قدرتي منظرن جو اضافو ڪندا رهن.

ساڃاهه: ڇا هندستان ۾ سچل تي ڪو اهڙو پروگرام منعقد ٿي سگهي ٿو؟

ويدا: ٽارو 2، 3، 4 سيپٽمبر 1989ع تي هندستان اندر اسان جيڪا ڪانفرنس منعقد ڪئي هئي ان ۾ شاهه، سچل ۽ ساميءَ لاءِ هڪ هڪ ڏينهن رکيو ويو هيو، باقي اسان جي اها ڪوشش رهندي ته انهن شخصيتن مان هر هڪ شخصيت تي الڳ الڳ ڪانفرنسون منعقد ڪيون.

●

مشهور ڀارتي سنڌي اديبا
ويڻا شرنگي

سچ ۽ ساٿيهه کٿهن اٿاسي، وسري
هيف تنهن کي هوءِ وطن جنهن وساريو.
(ڀٽ ڌڻي)

عزت ڀريا معزز

صدر، پياري ڀيڻ مسڪين، مهمان آڪاشواڻيءَ جي ڏال ڏامس، گلي جي سوز ۽ قلم جي مٺاس جي مالڪ ڇهن ڪتابن جي خالق، آل انڊيا ريڊيو براڊڪاسٽنگ جي ترجمو نگار ۽ سنڌي ڪاريه ڪرم جي انائونسر ڀيڻ ويڻا شرنگي، اعزازي مهمان ۽ اسان جي سنڌ جو ڀڙاڻو ڪندڙ آس پاس جا آيل سڀ دوستو مهمانو! جيئي سنڌ جيئي لطيف.

سدا سڄڻو!

هڪ رات جي وقفي ۾ تيار ڪيل هيءُ مقالو پيشن ڪجهه، ته ڪور ڪري ڪو نه سگهندو پر پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ مذهبي مذمت ڪجهه ڪارائتي ثابت ٿيندي.
سبب ڪان اڳ، اهو به واضح هجي ته آئون ڪو تمام
وڏي درجي جو اعليٰ حيثيت وارو هڪ اڪر
لي ٿيسن ولنٽ وارو ليکڪ ڪونه آهيان. مذهبي
تصنيف شايد ڪڏهن بار جي ٻولي هجي تمام سولي
هجي پر ٻوهه به جي سمجهه ۾ نه اچي ته ان لاءِ
اوهان جي ٿاليم وٽ لاءِ معافي ڏيندا.

”نالي ڏٺيءَ جي ٻڙو لار مذهبجو،
آهيان لدر نمائي...................“
”ڪٿن راجهائان لوڪي ڪٿن ٻرچاڻان لوڪي،
ڏس ڪو ڏاڻ ....“

جو آواز اٿو ڪان ايندڙ ڪڪرن کي مجبور ڪري
وساٿيندڙ سرڪ اسٽيشن تي سر ڪان ڏار ڪيو ويو.
انسان انسان جو قتل ڪونه ڪيو پر خدا خود خدائي
جو قتل هڪ انسان جي هٿان ڪرائي ڇڏيو.
اي ٻنياد مذهبي جهڳڙن ۾ سوين هزارين سنڌي هندن
جو قتل ٿيو. سر جي ٻچي، ملڪيت ۽ مايا جي موهه
۾ ڪيترائي سنڌي هندو ديس ڇڏي وديس اسهڻ لاءِ
تيار ٿي ويا. هڪ ٻئي آواز سان سر-درد دانهن جنم
ورتو. ”وڃن ٿا وڃن ٿا پرڪيتڙا وڃن ٿا، ڇڏي ديس
ٻهڄو اڏاڻا وڃن ٿا ....“ چندر جي آواز ڪيترن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ئي سنڌي هندن سان وڃي هندستان ۾ هند ڪيو.
ڪيترن ئي سچاڻ سنڌي اديبن فنڪارن کي پڻ سنڌ
ڇڏڻي پئي. دادا هري موٽوائي، ڪرشن کٽوائي
گوبند مالهي، نارائڻ ڀارتي، موتي پرڪاش، ڪلا
پرڪاش، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ نارائڻ شيام سان گڏ
ڪيترن ٻين کي سنڌ ڇڏڻ جو ايترو ڏک ٿيو هوندو
جيترو پريميءَ کي پريميڪا کان جدا ٿيڻ جو، ٻار
کي ماءُ کان جدا ٿيڻ جو. سنڌي ڪي ڏک ۽ درد
ڏورا ۽ پيڙا ڪي قلم جي طاقت سان ظاهر ڪرڻ
شروع ڪيو. ڏوريءَ جو فراق مجازي عشق ٻڌجي
ويو ۽ سنڌي منزل کي وسڻ لاءِ اڻ عشق جي لهر ۾
لکڻ شروع ڪيو. اهو دؤر 1947ع جو ظالم دؤر
جنهن ۾ سنڌي ۽ سنڌين کان محبت ۽ ميٺاڄ، سر ۽
سونهن، کل ۽ خوشي، سک ۽ شانتيءَ جي دائري وسي
ويئي. سنڌ کي ملڻ انگريزن کان آزادي وري
غلامي ۾ تبديل ٿي ويئي.

پر 1971ع ۾ هڪ ٻيو درد اڀريو هڪ جسم جو حصو، هڪ
ڏيهه جي هڪ ڪلاڪار جي ڪلا هڪ واٽيءَ جو ورڪو
اديو ويدا شرنگي سنڌ ڇڏڻ لاءِ لاچار ٿي. هن سنڌ جو ڇڏي؟
ڪهڙيون مجبوريون ساڻس پيش آيون؟ پل ڪٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهين ٿي سمجهجي ته هيءَ ناري سنڌ ٻاهر ڇڏي ويئي پر هڪ ڳالهه چٽي ۽ واضح آهي ته اديءَ ويدا سنڌ کان ٻري نه ويئي آهي پر سنڌس سنڌ جي سڪ ۽ مارن جي اڪير ڪري ڇڏي اٿس. اديءَ ويدا اڄ ۾ شايد ڪو گيت ڪو غزل ڪا ڪهاڻي ڪو مضمون سنڌ ۾ رهندي ڪري لکيو تخليق ڪيو هجي پر سنڌ ڇڏڻ بعد اديءَ لاءِ ۽ سنڌي ادب لاءِ هڪ شيءِ ڪارائتي ثابت ٿي ته اديءَ ويدا "ڪيئن وساريان ويڙهيچن" هڪ ڪتاب تخليق ڪيو. اسان جي بدقسمتي ته ڪتابن تي بندشن ۽ حڪومت جي من مانين سبب اسين اهي ڪتاب پڙهي ڪو نه سگهيا آهيون. پر مون هڪ انڊين اخبار جي ڪٽنگ جيڪا "پڪا ۽ پڪهوار ڏاڍي مون ڏينهن ٿيا" ۾ لکيل آهي اُن ۾ اهيءَ ڪتاب بابت پڙهيو ۽ ڳالهه اديءَ ويدا سان ملاقات بعد به خبر پئي ته اُن ڪتاب ۾ ڇا لکيل آهي. "ڪيئن وساريان ويڙهيچن" شهدادڪوٽ ۾ گذاريل ڏينهن جي يادن جو مجموعو آهي. ڪتاب جي ٽائيٽل مان ئي پڪي پيو ته ڪتاب ۾ ڪيتري جان آهي. واقعي هڪ وڻ جي ڇانوَ ۾ گذاريل گهڙي به ڪو نه وسرندي آهي. هي ته سنڌ ۾ جنم کان وڇوڙي ٿانئين جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيهن هئا. آلي مٽي سان راند ڪرڻ واريءَ جا
ٻي جان گهرڙا ٺاهڻ ڪن گهٽين مان روز ڳڌڻ جا
واقعا ڪيئن نه وسري سگهن. سنڌي عام ٻارڙن جي
نفسيات جهڙان اديءَ وٽ ڪڏهن گهر ۾ ٻيا گهر ڪان
ٻاهر وڃي مٽيءَ جا ٻيا واريءَ جا گهرڙا ٺاهيا
هوندس ۽ ڪيس اها خبر هوندي پئي
هوندس ته اهي گهرڙا ڪيترا ڪچا ٺهندا آهن.
ٻچڙن جي وڏڙن ۾ اچا وڏڙيا وسندا هجن اهي
ته وساري ٿي نه ٿا سگهجن. انهيءَ ڪتاب جي
انٽري ته جڏهن جڏهن ڪار ٿي جو "پولين اڄوڪيشن
مسٽري آف انڊيا". انهيءَ ڪتاب ٿي اديءَ وٽ
ڪي اڍائي هزار روپيا نقد ۽ صدرت سرٽيفڪيٽ ڏنو.
انهي انٽري وڏي ايوارڊ مان معلوم ٿئي ٿو ته اهو
ڪتاب ڪيترو وڏو اٿاڻو آهي. سنڌي ادب جي
انهي خدمت جا اسين سنڌس ٿورا مڃون ٿا.

ٻيڻ جي وطن سان سڪ ۾ اڪير جو هڪ ٻيو
سرچشمو آهي. انڊيا ۾ "مارئي" نالي سنڌي ناري
سنگت جو وجود وجهڻ. اديءَ انهيءَ سنگت طرفان
ڪيترائي ميڙاڪا آڪان ڪندي رهي آهي. سنڌي
استرين ۾ سنڌي ساهتيه ۽ سڀيتا سان محبت جو
جذبو جاڳائيندي رهي. ڪيترن غريب سنڌياڻين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي خدمت ڪندي رهي ۽ سنگت آچاره کي
ٻڌ زور وترائيندي رهي. ٻيڻ کي وطن سان محبت
ڪيتري آهي. اُن لاءِ اهو مثال ئي ڪافي آهي ته
هن هندستان ۾ رهندڙ سڀني سنڌي استرين کي
مارئي جو سبق سيکاري رهي آهي.

"مارئي" سنڌ طرفان سڃاڻو هڪ پرچو نه
نڪرندو آهي (انگريزي ۾) جنهن ۾ سنڌ جي
سرگرمين جي رپورٽ شايع ڪئي ويندي آهي.
هڪ پرچي ۾ اُدي سنگت قائم ڪرڻ جا سبب
ڄاڻائيندي هڪ شاهه جو بيت انگريزيءَ ۾
ڏنو آهي.

It is the custom of my fold,
To sell their loved in return of God,
I have been brought to AMAR KOTS' place,
How can I with misde meanor my self disgrace?
Within me longings for my humble hut throp,
How can your places me of that.

هيءُ بيت شاهه صاحب جي سُر مارئيءَ جي هن
بيت جو ترجمو آهي:

"ايءُ نه مارن ريت جو سيڻ مٽائن سون لئي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچي عمرڪوٽ ۾ ڪنديس ڪالهه ڪريت،
پکن جي پريت، ماڙين سين نه مٽيان."

اقتباس جي حوالي سان هڪ سنڌيا جو ناول "مارئي" رکڻ ۽ ان ناول جا سڀ ڄاڻائيندي مضمون نويس پيش ڪرڻ لائق ٿو ڪري ته. آدي ويندا وٽس ۾ هندي مارئي، واري حال ۾ آهي. ڇاڪاڻ اٿي رهڻ سنڌس مجبوري اٿس. اديءَ کي وطن سان ڏاڍي سڪ ۽ اڪير آهي. سنڌس اٿي پيت ڏيڻ ساڻس ٿي عڪاسي ڪري ٿو.

پيڻ ويندا گهڻ طرفي شخصيت آهي. سنڌس آل انڊيا ريڊيو تان سنڌي ڪاريه ڪرم جي اناؤنسمينٽ ڪرڻ اٿس. آواز اهڙو جهڙو ڪوئل جي ڪوڪ. ريڊئي تان پيش ٿيندڙ ڪلام پڻ ڳئي نه ۽ ونڌڙ هجي پر اديءَ جي اناؤنسمينٽ ڪرڻ بعد اهو ضرور وٺيو وڃي.

ادي ويندا 1971ع بعد سنڌ جي سيند ڏسڻ لاءِ وري 12 سالن بعد 1982ع ۾ واپس آئي. رودن ٿي جڏهن لاش هئا، جڏهن سنڌي ماڻهن مسلسل آمريت ظلم جبر ۽ ڏاڍ خلاف آواز بلند ڪيو هو. جڏهن موري، مهڙ، دادو ۾ گهوٽ ڪٽيا، ادي تڏهن سنڌ ۾ آئي. اديءَ ڏٺو هوندو ته سنڌ سان ڪيترو ڪيس

ٿيو ڪيترو ظلم ٿيو. سنڌن گهرن ۾ ماريو ٿي ويو.
ڪيترا ئي حوالا سنڌس ڪتاب ”ٻڪا ۽ ٻنهوار
ڏلي مون ڏٺيون ٿيا“ ۾ ڏنل آهن.

هڪ دوست الٺا وڏو انسان اديءَ کيس مٿيون
ڪتاب جيڪو سنڌ جي ٻاگرا تي لکيل هو،
ڏنائينس ڪتاب جون ڪاپيون طالب الموليٰ ڊاڪٽر
تنوير عباسي ۽ ٻين ڪيترن ڏانهن هيون. ان دوست
ڊاڪٽر عباسيءَ جي ڪاپي موڪلي ڏني ۽ آئون ڪراچي
کان خيرپور اچي رهيو هوس. ٽرين جي سفر ۾
انهيءَ ڪتاب کي ڪافي پڙهيم. ڪتاب ۾ اديءَ
جيڪو اهم پنهنجي گهر ۽ سنڌ لاءِ ڪيو هئو اهو
پورو ڪوله ٿو پوي. حالتون کيس وڌيڪ خراب نظر
اچڻس ٿيون. سنڌ جي ان ماحول اديءَ کي ڪافي
سوچڻ تي مجبور ڪيو هوندو ته وطن ۽ وڙهندڙن سان
اهي حال ڇو آهن. ڪتاب ۾ لال اڏيري، مون جي
مقبرن، ڪراچي کان حيدرآباد ۽ اتان کان ڳوٺ ڏانهن
جو سفر تمام سهڻي نموني لکيل آهي. هڪ هنڌ
اڏيري لال جي زيارت تي لکيل آهي ته اديءَ ويٺا
سائين اعجاز قريشي ۽ ٻين سان گڏجي لال اڏيري تي
ويٺي آئي هڪ وڻ آهي جنهن تي چڙهي ڪابه
پاس پاسي هڪ ڌاڳو ٻڌو آهي ۽ اها پاس ضرور
پوري ٿيندي آهي. جڏهن اها پاس پوري ٿئي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو ڏاڍو وڻجي کولهو آهي، ادي الهي پاس پاسي ڏاڍو ٻڌو دنيا جي هر لمحا دور ڪري پاس کهڙي پاسيائين ادي صرف اها دعا گهري ته آل انڊيا تان هڪ ٿي اسي شام جو سنڌي نشريات شروع ٿي . آئون سمجهان ٿو ادي جيڪڏهن ڪو هيرن جو هار ڪا ملين جي قيمت گهري ها ته ڪيس اها به مليس ها چاڪاڻ ته ادي جي اها پاس پوري ٿي ۽ واپس پهچڻ سان ڪيس ٻڌايو ويس ته سنڌي به هڪ ٿي نشريات شروع ڪئي ٿي وڃي ۽ سڄو هفتو پروگرام هلندا رهن ٿا .

اي ديس واسيو سنڌ يو هنن ٻڪين جي محبتن جي اوهان کي کهڙي خبر هي ڏرلي سان محبت اهڙي ڪندا آهن جيئن ٻار ماءُ سان ۽ ٻکي پنهنجي آکيري سان . هنن جي محبتن جا مثال ڪيترا ڏئي ڪيترا ڏجن . گذريل سال دادا هري موٽواڻي سان رهاڻ ٿي. رهاڻ ۾ دادا روئڻ شروع ڪيو جڏهن سنڌ کان زبردستي جدا ٿيڻ جو ۽ لاڙڪاڻي کي ڇڏڻ جو ذڪر ڪيو ته دادا جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو . مون ۾ سگهه نه هئي ته اُن پاڻيءَ کي ڪيئن سالڏي رکان چاڪاڻ ته ڏرلي جي اکين لاءِ وهايل هڪ هڪ ڳوڙهو مون لاءِ وڏو قيمتي آهي . انهن ڳوڙهن مان ڪاش آئون ميندي تيار ڪري سنڌ جي لٽين نسل کي ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واين کي گھوڙن کي شادين ۾ لڳايان ها ۽ ڪين
بعد اهو ياد ڏياريان ها ته ان ڌرتيءَ لاءِ وهايل ڳوڙهن
جي ڳوهيل مينديءَ جي لاڪي جي صدقي سنڌ ڌرتي
لاءِ ڪجهه ڪريو.

سنڌي ادب ۽ سنڌي سپاهيءَ سان سنڌ ۾ اهڙو
پيار اٿن جو هو اسان کان گهڻو ڪٿيو اڳ وڃن. اديءَ
ويندي ٻڌي ٻڙ چار ڪتاب تخليق ڪيا آهن. سنڌس
هڪ ڪتاب پنهنجي اشرياس تي مشتمل "منهنجي
ٻنهي جا گل ۽ خار" اٿس. ٻيو ڪهاڻين جو مجموعو
زندگي هڪ ناٽڪ اٿس. هن ڪتاب ۾ اديءَ کي
"لڙين زندگي" طرفان ايراني هزار ۽ مهرت سرٽيفڪيٽ
مليو اٿس. اديءَ جو هڪ ٻيو ڪتاب جنهن ۾ پنهنجي
آلما سان رشتن بابت لکيل اٿس، ڪتاب جو نالو
آهي "منهنجا معصوم سپنا". اديءَ جو هڪ ٻيو
ڪتاب ڇپائي هيٺ آهي اهو ڪهاڻين جو مجموعو
اٿس "اڌ ڪليون اڌ گلون". ادي سنڌي ساهت ۾ تمام
تيز وڃي رهي آهي. هي هر صرف ٻه ٻوڙ ڪنڊ
سنڌي ناري وڏين خدمتن جي خالق ۽ وڏين صلاحيتن
جي مالڪ آهي. ڏاڍي شل اهڙا ڏات هميشه لاءِ قائم
رکيس. اسان جا اديب هڪ طرفو هلندي ٻه حالتن
جو شڪار ٿي وڃن ٿا. ڪنهن مٽيءَ تي موهجي
پوڻ جي لالچ ۾ اچي حقيقتن تي پردا وجهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شروع کان ئي ۽ ادي وڏا انهن جي اُٺن وڏيس ۾ رهندي ۽ سنڌي عورت ساڻ پيار سنڌي ساهتيه سينتا ۽ شاهه جي پيغام سان پيار اٿس سندس شاهه جي ٻولڻ هڻ ڪري شاهد اهي سٽون آڏو اٿس ته .

سڙان ، پچان ، پڄران ، لڇان ۽ لوچيان .
تن ۾ لنوُلس ٻولن جي پيان لـه پيان .
جي سموند مڻهن ڪريان ته سر ڪياڪي نه ٿئي .
(لطيف)

ڪڏهن ڪڏهن ڪن شين جي ملڻ سان جستجو ۾ ماٺ اچي ويندي آهي . ادي وڏا چاهي ته اڄ ۽ هتي رهي سکهي ٿي سندس اباڻو گهر ۽ اباڻا اڄا هتي اٿس پر شايد پنهنجي محبوب سان ملي جلدي کي مائو ڪرڻ کون لي گهري ۽ نظرون شاهه صاحب جي انهن سٽن ۾ اٿس ته .

ڳولهيان ڳولهيان م لهان شال م ملان هوت ،
جانِ اندر ۾ لوچ سا ملڻ سان مائي ٿئي .

جيڪا تڙپ اديه جي من ۾ سنڌي ادب ماڻهن ۽ ثقافت لاءِ هند ۾ رهڻ ڪري موجود آهي شايد واپس وڃڻ ۽ هتي رهڻ ڪري نه پيدا ٿئي. اديه جي ادب۾جي شروعات لي "ڪيڏن وساريان وڻهيڙن" سان آهي . ۽ اها تڙپ دوري لـي آهي جنهن ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اديءَ اخلاق ڪرڻ شروع ڪيو هئو. اميد آهي ته اها ٽڙپ هميشه قائم رهندس.

منهنجين ڪچين ڦڪين ڳالهين اوهان جي ايتري ٽائيم جو زيان ڪيو آهي. اوهان جي مهرباني جو اوهان منهنجا پاراٽا پول پڌا. اديءَ جي مهرباني جنهن اسان کي پاڻ جو ٽائيم ڏنو.

مٺن ٽپڪ ٽوڪڙا چڪندڙ پيا اچن ڪڙيون کهه پڪليون پکهرس ٻيرن اي وڙ وپڙهين مون لوڏائين لڳا.

انهيءَ ٻيس سان آئون پنهنجي جڳهه ولندس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيٽ

(وينا شرنگيءَ جي سنڌ اچڻ تي)

هـــي ٻيڙيون قطـارون ۽ آڙيون اڏامون
هي سنڌوءَ ڪنارا، منهنجي لاءِ آهن .

سڀئي وڻ منهنجا، سڀي ڇانو منهنجي
هي رستا هي ڇارا ، منهنجي لاءِ آهن.

اتر ۽ آلاڻيا يا لـــر ۽ ٻرپا جي
سڀـا سر سارا، منهنجي لاءِ آهـن .

دوارن جـــي ڏرلي ، ڀٽائيءَ جا ٻاٽـا
هـي منڇر نـظارا ، منهنجي لاءِ آهن .

ٻکـر ، ساڌ ٻـلو ، سڀئي آستانـا
هـي مندر منارا ، منهنجي لاءِ آهن .

ڇڏي ديس پنهنجو، وڃڻ ڇو ٿي ”وينا“
اکئين نير ـ نـارا ، منهنجي لاءِ آهن .

” ادل سومرو “

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Veena Shringi, although coming from well known Brahmin Zamindar family, her progressive out-look rebelled against the age old Bondage of orthodoxy. After graduation she took an appointment with All India Radio in Sindhi Services of External Services Division in 1976. Since, she first took up a job of a Broadcaster with All India Radio, has travelled a long way. Her restless Spirit was not Content with the waves of sound alone she used her sharp pen too, and recorded her reminisences. These were published in a Book "Kian Visariyan Verichen". The Book was an Instant Success. It won her award from Central Hindi Directorate. This Book was later included in the Exhibits of Indian Book fair at Mascow and other Countries.

She has so far authored five Books in Sindhi language. Her another Short Story Book "Zindgi Hik Natak" was awarded Cash Prize and merit certificate from Nai Duniya Publication. Her articles and Poems have been published from different forum. She has participated in Urdu National and International Mushara's and also attended International Sachal Congress at Karachi Pakistan in 1989 and in 1990 She has widely travelled different parts of the world and participated in many cultural events at Washington, New York, Miami, Canada, London and Spain Veena Shringi is General Sec. of Maruee and have conducted many National and International Seminar.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَــنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَــنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بيــن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَــنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِيـن. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻئي جي مدد ڪَــرڻ جــي اُصــولَ هيــٺ ڏي وَٺُ ڪنــدا ۽ غيرتجــارتي non-commercial رهنــدا. پَنَــن پــاران ڪتــابن کــي ڊِجيِٽــائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَــن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَس پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن به رُڪاوٽَ کي نه مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽجاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ون ون کي مون ڀاڪي ڀائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
۔ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book